ABC Certified
THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO-2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) اڱارو 07 اپريل 2026ع 18 شوال المڪرم 1447 هه صفحا 6 - ملهه 30 روپيا شمارو (232)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

سڄي ملڪ ۾ مارڪيٽون ۽ شاپنگ مالز رات 8 وڳي بند ڪرڻ جو فيصلو عوام تي اضافي بار نٿا وجهڻ چاهيون: وزيراعظم

وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ پيٽروليم شين بابت اجلاس ۾ روزمره استعمال وارين شين جا دڪان، ڊپارٽمينٽل اسٽورز ۽ مالز به رات 8 وڳي بند ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو

نجي ملڪيت ۽ گهرن ۾ به شادي جي تقريبن تي رات 10 وڳي کانپوءِ بندش هوندي، خطي ۾ جنگي صورتحال سبب معاشي حالتون اهم چئلينج آهي، بچت پلان تي عمل ڪيو

وفاقي وزير ريلوي حنيف عباسي جي وزيراعظم شهباز شريف سان ملاقات، اجلاس ۾ پاڪستان ريلوي جي مجموعي ڪارڪردگي، جاري سڌارن ۽ مستقبل جي منصوبن تي تفصيلي طور تي خيالن جي ڏي وٺ

تيل جي صورتحال سبب عوام تي اضافي بار سبب عوامي سهولت کي نظر ۾ رکندي سڄي ملڪ ۾ هلندڙ سڀني آپريشنل ريلن جي ڀاڙن ۾ ڪنهن به قسم جو ڪوبه اضافو نه ڪيو پيو وڃي: شهباز شريف

ريلوي جي جاري منصوبن جي بروقت مڪمل ٿيڻ کي يقيني بڻايو وڃي ۽ ماڻهن کي بهتر، محفوظ ۽ سستيون سفري سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ سڀئي وسيلا ڪتب آندا وڃن: وفاقي وزير ريلوي کي هدايتون

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو آهي ته حڪومت موجوده معاشي صورتحال ۾ عوام تي اضافي بار وجهڻ کان پاسو ڪري رهي آهي ۽ ريلوي نظام کي بهتر بڻائي آمدني ۾ اضافو ڪيو وڃي هن اهڙن خيالن جو اظهار وفاقي وزير ريلوي حنيف عباسي سان ڳالهائيندي ڪيو جنهن سومر ڏينهن هتي سندس ملاقات ڪئي وزيراعظم آفيس جي ميڊيا

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: ريلوي وارو وفاقي وزير حنيف عباسي وزيراعظم شهباز شريف سان ملاقات ڪري رهيو آهي

ڪراچي ۾ پي ٽي آءِ جي گرفتار ڪارڪنن خلاف ڪيس داخل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي علائقي آرٽلري ميدان ۾ پوليس پاران پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) جي

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

افغانستان ۾ گهر جي ڇت ڪرڻ سبب عورت ۽ 2 ٻار فوت، 2 ڄڻا زخمي

ڪابل (اي پي پي) افغانستان جي اوير صوبي وردڪ ۾ گهر جي ڇت ڪرڻ سبب عورت ۽ 2 ٻارڙا فوت جڏهن ته 2 ڄڻا

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم پاران گڏيل عرب امارات جي خور فڪان بندرگاهه ۾ پيش ايندڙ واقعي تي ڳڻتي جو اظهار

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف گڏيل عرب امارات جي خور فڪان بندرگاهه ۾ پيش ايندڙ واقعي تي

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي گهرو وزير محسن نقوي وزيراعظم شهباز شريف کي شيلڊ ڏئي رهيو آهي

فيلڊ مارشل عاصم منير ۽ آمريڪي نائب صدر جي رابطن کانپوءِ 15 نڪاتي منصوبو آمريڪا ۽ ايران کي موڪليو ويو

ايران آمريڪا جي 15 نڪاتي جنگ بندي منصوبي کي ”غير منطقي“ قرار ڏئي رد ڪري ڇڏيو، آبنائي هرمز کولڻ کان ٺپ جواب

ايران جي پرڏيهي وزير جي فرانسيسي هم منصب سان ٽيليفون تي ڳالهه ٻولهه، آمريڪا، ايران جي شهري انفراسٽرڪچر تي حملو ڪيو ته ايران طرفان فيصلائتو ۽ ڀرپور جواب ڏنو ويندو: عباس عراقچي

آمريڪا جي ڌمڪي جنگي ڏوهن ۽ نسل ڪشي کي معمول بڻائڻ آهي (ايراني پرڏيهي وزارت) فرانس جي پرڏيهي وزير به انفراسٽرڪچر تي حملي جي آمريڪي صدر ڌمڪين کي خطي ۾ ڇڪتاڻ وڌائڻ جو سبب قرار ڏنو

ڌمڪين ۽ دٻاءُ هيٺ ڪا به ڳالهه ٻولهه ممڪن ناهي ايران پنهنجي پوري سگهه سان دفاع ڪندو، ڌمڪين سان گڏ ڳالهيون ممڪن ناهن، آمريڪا جي ”غير منطقي“ 15 نڪاتي منصوبي کي رد ڪريون ٿا: ايراني ترجمان

ايران جي پرڏيهي وزارت جي ترجمان ٽياڪڙن ذريعي پهچايل آمريڪي 15 نڪاتي جنگ بندي منصوبي کي ”غير منطقي“ ۽ قبول نه ڪرڻ جوڳو قرار ڏنو، چا آمريڪا ۽ اسرائيل لاءِ ڪا به رعايت لائين ناهي: اسماعيل بقائي

ايران جي قومي سلامتي ۽ قومي مفادن ئي ڪنهن به معاهدي جا بنيادي معيار هوندا (تهران انتظاميا) عارضي جنگ بندي جي بدلي هرمز واري پٽي نه کولي ويندي: ايران جي حڪومتي اختيارين جو موقف

پاڪستان، مصر ۽ ترڪي ٽياڪڙي واري عمل ۾ شامل، فريم ورڪ آمريڪا ۽ ايران کي ڏنو ويو، منصوبو ٻن حصن تي ٻڌل، پهريون حصو فوري جنگ بندي ۽ ٻيو حصو ان کانپوءِ ايندڙ وڏيڪ گڏيل معاهدي تي ٻڌل آهي: رائٽرز جي رپورٽ

اسلام آباد/تهران/واشنگٽن/تل ابيب (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ايران آمريڪا طرفان تجويز ڪيل 15 نڪاتي جنگ بندي منصوبي کي ”غير منطقي“ قرار ڏئي رد ڪري ڇڏيو آهي ايران جي پرڏيهي وزير عباس عراقچي، فرانسيسي هم منصب ژان نوئل بارو سان ٽيليفون تي ڳالهه ٻولهه ڪندي چيو ته آمريڪا، ايران جي شهري انفراسٽرڪچر تي حملو ڪيو ته ايران طرفان

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

ايران جي 12 شهرن تي آمريڪي ۽ اسرائيلي حملا حيفه تي جوابي ڪارروائي ۾ 2 اسرائيلي مارجي ويا

مرڪزي اسرائيل تي تازن حملن کانپوءِ پيٽا ٽڪواهه ۾ هڪ عورت انٽرسيپٽر ميزائل سان سخت زخمي ٿي پئي

تل ابيب ۾ هڪ عمارت کي نقصان پهتو، حيفه ۾ هڪ ايراني ميزائل هڪ رهائشي عمارت کي نشانو بڻايو

ڪويت ۾ بجلي، پاڻي صاف ڪرڻ ۽ تيل جي پلانٽس ۽ بحرين ۾ تيل جي هڪ تنصيب کي نشانو بڻايو ويو

تهران (اي پي پي) ايران جي گادي واري شهري تهران سميت گهٽ ۾ گهٽ 12 شهرن کي اسرائيلي ۽ آمريڪي حملن ۾ نشانو بڻايو ويو آهي جڏهن ته اسرائيل ۾ گادي واري شهر تل ابيب سميت 15 هنڌن

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: پاڪستان ۽ ترڪي جا چيف جسٽس قانوني معاملن ۾ سهڪار بابت ڊاهه تي صحيحون ڪري رهيا آهن

اسلام آباد سيف سٽي کي ڪيپيٽل سمارٽ سٽيءَ ۾ تبديل ڪرڻ جو فيصلو

شهري سهولتن جي سموري نظام کي هڪ ئي ڊجيٽل پليٽ فارم تي منتقل ڪيو ويندو

مقرر وقت اندر منصوبي جي مڪمل ٿيڻ کي هر صورت ۾ يقيني بڻايو ويندو: محسن نقوي

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي حڪومت اسلام آباد سيف سٽي پراجيڪٽ جي دائري ڪار کي وسعت ڏيندي ان کي مڪمل طور

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

پيٽرول اڳهن ۾ واڌ خلاف ڪراچي ۾ وڪيلن جو احتجاج

سنڌ هاءِ ڪورٽ کان ڪراچي پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

ته پيٽرول جي اڳهن ۾ واڌ عوام تي وڌيڪ مالي بار وڌو آهي: اڳواڻ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پيٽرول اڳهن ۾ واڌ خلاف وڪيلن جو احتجاج، ريلي پريس ڪلب تائين پيٽرول جي اڳهن ۾ اوچتي واڌ

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

وفاقي حڪومت پرڏيهي ادائگين لاءِ 4.8 ارب ڊالرن جو انتظام ڪري ورتو

گڏيل عرب امارات کي 2 ارب ڊالر ادائيگي جو فيصلو متبادل ذريعن کان رقم جو بندوبست ٿيڻ کانپوءِ ڪيو ويو

پاڪستان کي ٻن ويجهن دوست ملڪن کان 5 ارب ڊالرن کان وڌيڪ جي فراهمي جي خاطري ملي چڪي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) حڪومتي ذريعن جو چوڻ آهي ته پاڪستان گڏيل عرب امارات کي 2 ارب ڊالر ادائيگي جو فيصلو متبادل ذريعن کان رقم جو بندوبست ٿيڻ کانپوءِ ڪيو حڪومتي

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

جاندار روانگي واپار جي ترقيءَ لاءِ پيداواري ڳاٽيڙو ۽ پاليسيءَ ۾ تسلسل بنيادي عنصر آهن: ناڻي وزير

صنعت ۽ حڪومتي ادارن وچ ۾ مسلسل رابطا مستقبل جي پاليسي سازي لاءِ اهم آهن: سينيٽر محمد اورنگزيب

حڪومت مختلف صنعتي شعبن سان سڌيءَ ريت مشاورت جاري رکندي ته جيئن سنڌن ڪاروباري حالتن کي بهتر طور تي سمجهي سگهجي

توانائي بچت منصوبن تحت امڪاني طلب کي پورو ڪرڻ لاءِ پيداوار وڌائڻي پوندي، پيداواري شعبي ۾ سيڙپڪاريءَ کي آسان بڻائڻ جي ضرورت آهي

موجوده حڪومتي قدمن جي باري ۾ آگاهي ۽ ان تي اثرائتي عملدرآمد ئي گهربل نتيجا حاصل ڪرڻ جي چاٻي آهي: وفدن سان ملاقات ۾ ڳالهيون

اسلام آباد (اي پي پي) ناڻي ۽ محصولن واري وفاقي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب چيو آهي ته جاندار روانگي واپار جي ترقيءَ لاءِ چٽايل پيداواري ڳاٽيڙو ۽ پاليسيءَ ۾ تسلسل بنيادي عنصر آهن صنعت ۽ حڪومتي ادارن وچ ۾ مسلسل رابطا مستقبل جي پاليسي سازي لاءِ اهم آهن

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: ناڻي وارو وفاقي وزير محمد اورنگزيب گڏجاڻي جي صدارت ڪري رهيو آهي

ايراني پاسداران انقلاب، انٽيليجنس چيف ماجد خادمي جي شهادت جي تصديق ڪري ڇڏي

تهران (اي پي پي) ايراني پاسداران انقلاب تصديق ڪئي آهي ته آمريڪا ۽ اسرائيل جي حملن ۾ سندن انٽيليجنس چيف شهيد ٿي ويو آهي بي بي سي مطابق

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

پاڪستان جو جنگبندي بابت تجويز ڪيل فريم ورڪ تي تبصري کان انڪار

ترجمان آمريڪي ۽ اسرائيلي جنگ جي خاتمي لاءِ ڪنهن به تجويز جي تصديق يا ترديد نه ڪئي

45 ڏينهن جي جنگ بندي واري اچ يا 15 نڪاتي مذاڪرا بابت ڪيتريون رپورٽون سامهون آيون

اسلام آباد (هـ د) پاڪستاني اختيارين ايران خلاف جاري آمريڪي ۽ اسرائيلي جنگ جي خاتمي لاءِ تجويز ڪيل فريم ورڪ تي

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

صحتمند قوم ئي ترقي يافته ۽ مستحڪم رياست جو بنياد آهي: اياز صادق

پاڪستان کي صحت جي شعبي ۾ چئلينجز درپيش آهن مربوط حڪمت عملي ضروري آهي

ملڪ جي صحت جي نظام کي وڌيڪ مضبوط ۽ اثرائتو بڻائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪنداسين

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبليءَ جي اسپيڪر سردار اياز صادق چيو آهي ته هڪ صحتمند قوم ئي ترقي يافته ۽

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

رانديون ترقي، امن ۽ خوشحالي جي ضمانت آهن: وڏو وزير

نوجوانن کي مثبت سرگرمين ڏانهن آڻڻ حڪومت جي ترجيحن ۾ شامل آهي

رانديون ذريعي سماج ۾ ڀائيچاري، رواداري ۽ گڏيل سهڪار کي به فروغ ملي ٿو

عورتن کي اڳتي آڻڻ سان ئي حقيقي ترقي ممڪن بڻجي سگهي ٿي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه چيو آهي ته رانديون ترقي امن ۽ خوشحالي جي ضمانت جو پيغام

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير شزه فاطمه خواجه يو اين وومين جي وفد سان گڏجاڻي ڪري رهي آهي

موٽر سائيڪل فيول سبسڊي پروگرام تحت ڊجيٽل رجسٽريشن نظام جاري

هر رجسٽرڊ موٽر سائيڪل مالڪ کي ماهوار 2 هزار روپيا فراهم ڪيا ويندا جيڪي لڳ ڀڳ 20 ليٽر پيٽرول جي سبسڊي جي برابر هوندا: وڏو وزير

ايسڪائيز اينڊ ٽيڪسيشن کاتي آن لائن تصديق ۽ رجسٽريشن جو نظام متعارف ڪرايو آهي جنهن ذريعي شهري پنهنجي ڊجيٽل درخواست ڏئي سگهن ٿا

درخواست گذارن کي پنهنجو قومي سڃاڻپ ڪارڊ نمبر ۽ بينڪ اڪائونٽ (آئي بي اين) درج ڪرڻو پوندو جنهن بعد ڪمپيوٽر خودڪار تصديق

حڪومت پوري نظام ۾ پاڻ کي منجمد رکڻ جو فيصلو ڪيو آهي جنهن لاءِ 3 کان 4 ارب روپين جي سبسڊي ڏني پئي وڃي

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه وڌندڙ پيٽرول (تيل) جي قيمتن ۽ مهانگائي جي اثرن کان شهرين کي بچائڻ لاءِ هدفي موٽر سائيڪل فيول سبسڊي پروگرام تحت ڊجيٽل

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: وڏو وزير سيد مراد علي شاهه پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهيو آهي، سينئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ، صوبائي وزير ناصر شاهه، مڪيش چاولا ۽ ٻيا موجود آهن

رٽائرڊ ڊي ايس پي اعجاز هاشمي جي قبل از وقت رٽائرمينٽ بابت گهرو کاتي سنڌ کي انڪوائري ڪرڻ جو حڪم

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سپريم ڪورٽ

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

بي ٽي آئي اڳواڻ عالمگير خان ۽ ٻيا انسداد دهشتگردي جي عدالت ۾ پيش

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ پوليس پاران پي ٽي آئي جي اڳواڻن عالمگير خان

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

پبلڪ ٽرانسپورٽ جي ڀاڙن کي مستحڪم رکڻ لاءِ پبلڪ ٽرانسپورٽ سبسڊي پروگرام کي حتمي شڪل ڏئي ڇڏي آهي: شرجيل

بسن، مني بسن ۽ ڪوچن کي هر مهيني 240,000 روپين تائين سبسڊي ڏني ويندي، ويگنن کي 230,000 روپين تائين سبسڊي ڏني ويندي

اهو پروگرام 9,000 کان وڌيڪ شهر جي اندر ۽ 1,100 شهر جي اندر گاڏين تي لاڳو ٿيندو، هر مهيني لڳ ڀڳ 57 ملين مسافر فائدو حاصل ڪندا

هر مهيني لڳ ڀڳ 2.2 ارب روپيا سبسڊي تي خرچ ڪيا ويندا، جڏهن ته هر مسافر کي سراسري طور تي 38 روپين جو رليف ڏنو ويندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت پبلڪ ٽرانسپورٽ جي ڀاڙن کي مستحڪم ڪرڻ لاءِ هڪ ٽارگيٽڊ پبلڪ ٽرانسپورٽ سبسڊي پروگرام جو اعلان ڪيو آهي سنڌ جي سينئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

مولانا فضل الرحمان جو تيل اڳهن ۾ واڌ سبب حڪومت خلاف بغاوت جو اعلان

جي يو آءِ جي مرڪزي مجلس شوريٰ جي ٻن ڏينهن واري اجلاس ۾ ملڪي ۽ عالمي صورتحال تي غور ويچار

پيٽروليم شين جي اڳهن ۾ واڌ هر فرد کي ڏوڙي ڇڏيو، ايندڙ جمعي تي احتجاجي مظاهرا ڪيا ويندا: جي يو آءِ (ف) جو سربراهه

گهرو تشدد، ٽرانس جينڊر ۽ 18 سالن کان گهٽ عمر جي شادي تي پابندي سميت ٻيا شريعت مخالف قانون ختم ڪيا وڃن

حڪومت پيپلز پارٽي جي سهاري تي بيٺل آهي، اسان کي حق حاصل آهي ته اهڙي حڪومت خلاف بغاوت جو جهنڊو بلند ڪريون

آمريڪا اسرائيل جي پٺڀرائي ڪري رهيو آهي ۽ فلسطين، ايران سميت ٻين اسلامي ملڪن تي حملا ڪيا ويا آهن: اجلاس ۾ خطاب

پشاور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) جمعيت علماء اسلام جي سربراهه مولانا فضل الرحمان چيو آهي ته تازو پيٽروليم شين جي اڳهن ۾ واڌ هر فرد کي ڏوڙي ڇڏيو آهي جنهن خلاف ايندڙ جمعي تي احتجاجي مظاهرا ڪيا ويندا. پشاور ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي مولانا فضل الرحمان جو چوڻ هو ته جي يو

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

ڪراچي شهر جي مختلف علائقن ۾ گئس بندش جو شيڊول لاڳو

صبح جو 10 وڳي کان 12 وڳي تائين گئس فراهمي معطل رهندي

منجهند جو 3 وڳي کان شام 6 وڳي تائين پڻ گئس بند رهندي

رات جو 10 وڳي کان صبح 5:30 وڳي تائين پڻ گئس جي فراهمي روڪيل هوندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي شهر جي مختلف علائقن ۾ صبح ۽ شام جي وقتن ۾ گئس بندش جو باقاعده شيڊول نافذ

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻو: شهر جي ريلوي پل جي مرمت ڪئي پئي وڃي

ڇوڪرين کي برابر تعليمي موقعا فراهم ڪرڻ وقت جي ضرورت آهي: گورنر

عورتون ملڪ جي معاشي ۽ سماجي ترقي ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيون آهن

عورتن کي بااختيار بڻائڻ سماج جي ترقي ۽ خوشحالي لاءِ ضروري آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گورنر سنڌ سيد محمد نهال هاشمي چيو آهي ته ڇوڪرين کي برابر تعليمي موقعا فراهم ڪرڻ وقت

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

پ پ چيئرمين سان مختلف اڳواڻن جون ملاقاتون

سيد قائم علي شاهه، ناصر شاهه ۽ لياقت آسڪاڻي بلاول سان مليا

صوبي جي سياسي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

ميئر مرتضيٰ وهاب به شهر ۾ جاري ترقياتي ڪمن بابت بريفنگ ڏني

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) پاڪستان پيپلزپارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سان بلاول هائوس ۾ مختلف سياسي ۽

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2


ڪراچي: اڳوڻو وڏو وزير سيد قائم علي شاهه پ پ چيئرپرسن بلاول ڀٽو زرداري سان گڏ بيٺل آهي

حافظ نعيم الرحمن ميئر ڪراچي خلاف نه پر ترقي خلاف آهي: سعديه جاويد

ڪراچي کي ”يرغمال“ بڻائڻ جو دور گذري چڪو آهي، هاڻي رڳو ڪم ٿيندو

جيڪي پنهنجن علائقن مان ڪچرو کڻائي سگهن ٿا، اهي ميئر بڻجڻ جا خواب پيا ڏسن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سعديه جاويد پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ چيو آهي ته حافظ نعيم الرحمن ميئر ڪراچي خلاف نه

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ”ڪمنڊان گينگ“ سان تعلق رکندڙ 4 جوابدار گرفتار

گرفتار جوابدارن ۾ سعيد الرحمان، صابر شيدا، اڪرام ۽ آڪاش پنجابي شامل

جوابدار ڦر ۽ اسٽريٽ ڪرائيم جي وارداتن ۾ ملوث رهيا آهن: ترجمان رينجرز

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان رينجرز سنڌ خفيه ڄاڻ جي بنياد تي ڪارروائي ڪندي ڪراچي جي علائقي گلشن غازي

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

ڪراچي پوليس ۽ عائشه باواڻي اڪيڊمي وچ ۾ ايم او يو تي صحيحون

اهل پوليس اهلڪارن جي ٻارن کي معياري تعليمي سهولتون فراهم ڪيون وينديون

ويلفيئر برانچ ڪراچي پوليس اهل اميدوارن جي نامزدگي ۽ جانچ پڙتال ڪندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي آزاد خان سان عائشه باواڻي اڪيڊمي جي ڊائريڪٽر سيد امداد حسين

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

چوپائي مال کي بيمارين کان بچائڻ لاءِ ويڪسينيشن مهم جو آغاز

سنڌ حڪومت محدود وسيلن جي باوجود بهترين نتيجن لاءِ ڪوشان آهي: ملڪاڻي

جانورن کي موسمي بيمارين کان بچائڻ لاءِ هن مهم جو دائرو پوري سنڌ تائين آهي

پوري صوبي لاءِ ويڪسين جو وافر ذخيرو ۽ سمورا ضروري انتظام موجود آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي وزير لائيو اسٽاڪ ۽ فشريز محمد علي ملڪاڻي چيو آهي ته ”علاج کان احتياط بهتر آهي“

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت هڪ ملين ميٽرڪ ٽن ڪڻڪ 87.5 ارب رپين جي لاڳت سان خريد ڪندي

هلندڙ سيزن ۾ سنڌ ۾ ڪڻڪ جي متوقع پيداوار لڳ ڀڳ 4.5 ملين ميٽرڪ ٽن آهي، 109 پروڪيورمينٽ سينٽرز کي فعال بڻايو وڃي: مخدوم محبوب

هاري ڪارڊ ۽ بينڪنگ نظام ذريعي هارين کي 48 ڪلاڪن اندر ادائگي يقيني بڻائي وڃي ته جيئن شفافيت ۽ اعتماد کي هٿي ملي سگهي

في 50 ڪلو ڪڻڪ جي بوريءَ تي 60 رپيا هارين کي فراهم ڪيا وڃن ته جيئن خريداريءَ جي عمل کي آسان بڻائي سگهجي

سنڌ حڪومت ڪڻڪ جي سپورٽ پرائيس 3500 رپيا في 40 ڪلو مقرر ڪئي آهي ۽ ان ڳالهه کي يقيني بڻايو وڃي ته مارڪيٽ ريٽ سان هم آهنگي برقرار رهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي خوراڪ کاتي واري صوبائي وزير مخدوم محبوب الزمان جي صدارت هيٺ ڪڻڪ جي خريداري بابت تيارين ۽ آپريشنل منصوبابنديءَ جو جائزو وٺڻ لاءِ هڪ اهم

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: صوبائي وزير مخدوم محبوب الزمان ڪڻڪ جي خريداري بابت گڏجاڻي جي صدارت ڪري رهيو آهي

سيٺي مونجهاري هيٽ ڪيس ٽن مهينن اندر نبيرڻ جو حڪم

ٽن مهينن اندر سيٺي زير التوا ڪيس منطقي انجام تائين پهچايا وڃن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ پاران صوبي ۾ قتل جي ڪيسن جي وڌندڙ مونجهاري تي ڳڻتي جو اظهار ميمبر انسپيڪشن ٽيم سيشن ججن کي خط لکي ڇڏيو 2023ع تائين داخل ٿيل سيٺي

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

مانجهند پرسان ڳوٺ بلوچ جي ايليمينٽري اسڪول ۾ استاد تي تشدد

سنڌ ۾ پرڏيهي سيڙپڪاري لاءِ ڪافي موقعا آهن: نهال هاشمي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گورنر سنڌ سيد محمد نهال هاشمي چيو آهي ته پاڪستان ۽ برطانيه جي وچ ۾ ٻطرفي واپاري حجم ۾ اضافو ٻنهي ملڪن جي مفاد ۾ آهي جڏهن ته پاڪستان خاص طور تي سنڌ ۾

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

وڌندڙ مهانگائي هر پاڪستاني جو وڏو مسئلو بڻجي چڪي آهي: حسنين علي چوهاڻ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) انصاف لائرز فورم ڪراچي جي سينيئر اڳواڻ ۽ معروف قانوندان ايڊووڪيٽ حسنين علي چوهاڻ

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

جوابدارن رانا طاهر ۽ عبدالجبران لاءِ 8 ڏينهن جي حفاظتي ضمانت منظور

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پيدا خوري ۽ جان ڪان مارڻ جون ڌمڪيون ڏيڻ واري ڪيس ۾ سنڌ هاءِ ڪورٽ ٻن جوابدارن رانا طاهر

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ شهري جي فائرنگ دوران هڪ ڦورو مارجي ويو

مارجي ويل ڦورو وٽان هڪ پستول ۽ گوليون برآمد ڪيون ويون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جمشيد ڪوارٽرز

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

ڪوئيٽا: بلوچستان جي وڏي وزير سرفراز بگٽي سان واپارين جو وفد ملاقات ڪري رهيو آهي

ڪراچي ۾ واپارين پاران گڏهن ۽ گهوڙن تي سوار ٿي احتجاجي ريلي

حڪومت ڊيل جا اگهه تيزيءَ سان وڌائي عوام کي مشڪل حالتن ۾ ڌڪي رهي آهي: اڳواڻ

جيڪڏهن حڪومت مطالبا تسليم نه ڪيا ته شٽر بند هڙتالون به ڪيون وينديون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي واپارين وفاقي حڪومت جي تيل جي اگهن ۾ تيزيءَ سان اضافي خلاف سخت احتجاج ڪيو برنس روڊ کان ڪراچي پريس ڪلب تائين واپارين پاران گڏهن ۽ گهوڙن تي سوار ٿي احتجاجي ريلي ڪڍي وئي ريلي جي اڳواڻي مختلف واپارين گروپن جا اڳواڻ

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

وڏي وزير سان واپاري برادري جي اڳواڻن جي ملاقات، صورتحال بابت تجويزون پيش

موجوده ملڪي حالتن کي نظر ۾ رکندي سيٺي کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو: سيد مراد علي شاهه

حڪومت اهڙا قدم به کڻي رهي آهي جن سان غريب ماڻهو تي گهٽ کان گهٽ بار پوي، مشاورت ذريعي مارڪيٽن جو وقت مقرر ڪيو ويندو

علائقي جي صورتحال ۽ ان جي اثرن کان سڀ واقف آهن تنهن ڪري واپارين جي تجويزن تي غور ڪري وزيراعظم کي آگاهه ڪيو ويندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه بزنس ڪميونٽي جي عهديدارن سان اهم ملاقات ڪئي جنهن ۾ مختلف واپاري تنظيمن جا نمائندا شرڪت ڪئي. ملاقات ۾ چيمبرز آف ڪامرس، ڪاٽي فرنيچر جيولرز ريسٽورنٽس، ميرج هالن ٽريول ايجنٽس سميت ٻين ايسوسيئيشنز جا عهديدار پڻ شامل هئا، جڏهن ته اجلاس ۾ چيف سيڪريٽري آصف

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير عليم خان سنڌ ۾ اين ايڇ اي جي منصوبن بابت گڏجاڻي جي صدارت ڪري رهيو آهي

اسڪول وينز جا ڪرايا نه وڌائڻ ۽ شاگردن جي پڪ اينڊ ڊراپ ٽرانسپورٽ فيس ۾ واڌ تي پابندي لاڳو

سمورن تعليمي ادارن کي حڪمن تي مڪمل عملدرآمد کي يقيني بڻائڻ جي هدايت، اسڪول انتظاميا نجي ٽرانسپورٽ بابت ئي اهو فيصلو لاڳو ٿيندو

اسڪول پنهنجي پڪ اينڊ ڊراپ سروسز جو مڪمل ڊيٽا حڪومت کي فراهم ڪن، سڀني وينز ۽ ٽرانسپورٽ سروسز جا تفصيل پڻ جمع ڪرائڻ لازمي هوندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي هدايت تي اسڪول وينز جا ڪرايا نه وڌائڻ بابت حڪم جاري ڪيو ويو آهي. وڏي وزير جي هدايت تي اسڪول ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ طرفان

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

ڊونلڊ ٽرمپ جا بيان عالمي امن لاءِ خطرو بڻجي چڪا آهن: حافظ نعيم

آمريڪا ۽ اسرائيل جو ايجنڊو خطي ۾ ”گريٽر اسرائيل“ جي قيام آهي

پاڪستان کي گهرجي ته ٽرمپ جي غزه پيس بورڊ مان ٻاهر نڪري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) امير جماعت اسلامي پاڪستان حافظ نعيم الرحمن چيو آهي ته ڊونلڊ ٽرمپ جا لڳاتار غير سنجيده ۽ اشتعال انگيز بيان عالمي امن لاءِ خطرو بڻجي چڪا آهن. آمريڪا ۽ اسرائيل جو ايجنڊو خطي ۾ ”گريٽر اسرائيل“ جي قيام آهي. معاهدن جي باوجود غزه مان اسرائيلي فوج جو نه نڪرڻ عالمي قانونن جي خلاف ورزي آهي. عالم اسلام جا حڪمران آخر ڪڏهن آمريڪا ۽ اسرائيل خلاف مؤثر قدم کڻندا؟ حافظ نعيم الرحمن چيو ته حڪومت پاڪستان ۽ اپوزيشن ٻنهي آمريڪا ۽ اسرائيل خلاف واضح ۽ بهادر موقف اختيار ڪرڻ کان پاسو ڪري رهيا آهن ۽ صرف اقتدار جي سياست ۾ مشغول آهن. پاڪستان کي گهرجي ته ٽرمپ جي غزه پيس بورڊ مان ٻاهر نڪري، پاڪستان ۽ سعودي عرب جو معاهدو وسيع ڪري ان ۾ ترڪي ۽ ايران کي پڻ شامل ڪيو وڃي. پاڪستان کي ايران سان آزادانه واپار کي فروغ ڏيڻ ۽ گئس پائيپ لائين منصوبو مڪمل ڪرڻ گهرجي.

ڪراچي ۾ نوجوان گهرو تڪرار سبب آپگهات ڪري ڇڏيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪورنگي الياس گوٺ پيلي ٽنڪي جي ويجهو گهر مان هڪ شخص جي گلي ۾ رسي جو ڦندو پيل لاش مليو. پوليس موجب، فوتي شخص جي سڃاڻپ 29 سالہ روحر مسيح ولد اسلم مسيح جي نالي سان ڪئي وئي آهي...

بقايا 30 — ناڻي وزير

هن اها ڳالهه هتي اليڪٽرڪ فين جي صنعت سان واڳيل نمائندن جي وفد سان ورچوئل ملاقات دوران ڪئي. وفد جي قيادت فيڊريشن آف پاڪستان چيمبرز آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري ۽ پاڪستان اليڪٽرڪ فين مينيوفيڪچررز ايسوسيئيشن جا ميمبر ڪري رهيا هئا. ملاقات ۾ شعبي کي درپيش مسئلن، روانگي واپار جي امڪانن ۽ حڪومتي معاونت جي مختلف رخن تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ٿي...

...

ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس

(EPADS ذريعي هڪ مرحلي تي ٻه لفافي طريقيڪار)

(SPPRA) رولز 2010 (تاحال ترميم شده) جي تحت، هڪ مرحلي تي ٻه لفافي طريقيڪار تحت ايس پي پي آر اي رول 46(ا) جي مطابق، اي-پاڪ اڪيوزيشن اينڊ ڊسپوزل سسٽم (EPADS) جي ذريعي سيني اهل دلچسپي رکندڙ واڪ ڏيندڙن/فرمن/ڪمپنين کان هيٺ ڏنل ڪمن لاءِ آڇون گهرائجن ٿيون.

شمار نمبر	ڪم جو اسڪوپ	آڇ جو طريقو	بڊ سيڪيورٽي	کلڻ جي تاريخ	ٽينڊر في
01	پوليس-15 ڪال سينٽر ڪراچي رينج، مالي سال 26-2025 لاءِ هارڊويئر ۽ سافٽ ويئر جي سروس ليول ايگريمينٽ (SLA) جي فراهمي	هڪ مرحلي تي ٻه لفافي طريقيڪار ايس پي پي آر اي رول46(ا) ، سڀ کان وڌيڪ فائديمند آڇ	ڪوٽ ڪيل رقم جو 5٪	24-04-2026	5,000/- روپيا

شرط ۽ ضابطا:

1. ٽينڊر جو شيڊيول هيٺين ريت هوندو: -

تفصيل	تاريخ ۽ وقت	مقام
درخواستن جي وصولي ۽ ٽينڊرز جو جاري ٿيڻ	اشاعت جي تاريخ کان 24-04-2026 منجهند 12:00 وڳي تائين	پوليس-15 هيڊ ڪوارٽر، حسن اسڪوائر، نيئر ايڪسپو سينٽر، ڪراچي
واڪ جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ	24-04-2026 منجهند 01:30 وڳي تائين	صرف اي پيڊس سسٽم ذريعي
ٽينڊر کولڻ جي تاريخ	24-04-2026 منجهند 02:30 وڳي	صرف اي پيڊس سسٽم جي ذريعي

2. واڪ دستاويز اي پيڊس جي ويب سائيٽ (portalsindh.eprocure.gov.pk) تان ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا.
3. بڊ سيڪيورٽي يڪا ڪوٽ ڪيل رقم جي 5٪ جي برابر هجي، ڪنهن به شيڊيولڊ بئنڪ جي پي آرڊر جي شڪل ۾ جيڪو ڪمپني/فرم جي اڪائونٽ تان ”ايس پي محافظ فورس / پوليس-15 ڪراچي“ جي نالي جاري ٿيل هجي، اهليت جي معيار مطابق ٽينڊر/واڪ دستاويزن سان گڏ شامل ڪرڻ لازمي آهي، ٻي صورت ۾ ٽينڊر رد ڪيو ويندو.
4. سيني دستاويزن جو هڪ ڪاپي سيٽ ۽ پي آرڊر/بئنڪ ڊرافٽ/CDR جي فوٽو ڪاپي، واڪ جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ کان اڳ ايس پي محافظ فورس / پوليس-15 جي آفيس، حسن اسڪوائر ڪراچي ويجهو جمع ڪرائڻ جو مشورو ڏنو وڃي ٿو.
5. ٽينڊر في جو اصل دستاويز (جيڪو واپس نه ٿيندو) ۽ ڪوٽ ڪيل رقم جي 5٪ جي برابر بڊ سيڪيورٽي، پي آرڊر/بئنڪ ڊرافٽ/CDR جي صورت ۾ اصل، واڪ جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ کان اڳ ايس پي محافظ فورس / پوليس-15 هيڊ ڪوارٽر، حسن اسڪوائر، ايڪسپو سينٽر ويجهو ڪراچي جي آفيس ۾ پهچڻ گهرجن. هي ٽينڊر پروڪيورمينٽ ڪميٽي جي ميمبرن ۽ انهن ٺيڪيدارن/پارٽين/فرمن/آڇ ڏيندڙن جيڪي اتي موجود رهڻ چاهين جي موجودگيءَ ۾ کوليا ويندا.
6. رڳو اليڪٽرانڪ آڇون صرف EPADS ذريعي جمع ڪرائيون پونديون: دلچسپي رکندڙ آڇ ڏيندڙن کي گهرجي ته اهي اليڪٽرانڪ آڇون جمع ڪرائڻ لاءِ EPAD سسٽم جي هن لنڪ https://sindh.eprocure.gov.pk/#/supplier/registration تي پاڻ کي رجسٽر ڪن.
7. جيڪڏهن ڪو به جعلي دستاويز مليو ته ٽينڊر رد/منسوخ ڪيو ويندو ۽ بنا ڪنهن معاوضي جي قاعدن موجب ڏنڊ لڳايو ويندو.
8. پروڪيورمينٽ ايجنسي ڪنهن به آڇ يا تجويز جي قبوليت کان اڳ، ايس پي پي آر اي رولز-2010 (تاحال ترميم شده) جي رول-25 تحت ڪنهن به وقت تمام يا ڪنهن به آڇ/ٽينڊر کي رد ڪرڻ جو حق رکي ٿي.
9. آڇ مدو 90 ڏينهن

هيٺين حالتن ۾ آڇ رد ڪئي ويندي:

i. شرطيا ۽ ٽيلي گرافڪ آڇون / ٽينڊر.
ii. اهي آڇون جن سان بڊ سيڪيورٽي يا گهربل رقم ۽ فارم شامل نه هوندو.
iii. مقرر ڪيل تاريخ ۽ وقت کان پوءِ وصول ٿيل آڇون.
iv. بليڪ لسٽ ٿيل فرمن جون آڇون.
v. هٿ سان لکيل ٽينڊر ۽ اهي ٽينڊر جن تي مٿان لکائي ٿيل هوندي، انهن کي قبول نه ڪيو ويندو يا نااهل قرار ڏنو ويندو. سرڪاري قاعدن/پاليسي جي خلاف شرطيا ٽينڊرن کي قبول نه ڪيو ويندو.

رابطي جا تفصيل:

(ٽيليفون: 62-021-99244461)

چيئرمين / سيڪريٽري پروڪيورمينٽ ڪميٽي،
سپرنٽينڊنٽ آف پوليس،
پوليس-15، ڪراچي رينج.

I WORK FOR SINDH — A JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT www.iwork4sindh.com

INF/KRY/1342/2026

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل
مهانگائي جو طوفان ڪيئن روڪبو؟
صفحو 4

راجا زاد اختر خانزاد
'جھنم ڪرڪي پوندو': جارحاڻي ٻولي، هڪ شخصيت ۽ خطري واري بيانئي جي ڪهاڻي
صفحو 4

سنڌ ڌرتيءَ جو بهادر پُٽ شهيد بشير خان قريشي!
عامر انصاري
صفحو 4

نندلال لوهاڻو
آر او پلانٽ غير فعال: عوام مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ لڳو!
صفحو 4

سکر ۾ تحريڪ انصاف جو مهانگائي، بيروزگاري ۽ حڪمرانن جي مبينا بدعنوانين خلاف مظاهرو

سوين ڪارڪنن ۽ شهرين سکر پريس ڪلب اڳيان پرامن احتجاجي مظاهرو ڪيو، اپ ڏاريندڙ نعريبازي

موجودا حڪمران "چور" آهن جن عوام کي لٽي سندن مستقبل تباهه ڪري ڇڏيو آهي: گوهر خان ڪوسو

عوام جي سخت احتجاج بعد حڪومت پيٽرول جي قيمت اسي رپيا گهٽايا آهن ۽ ڊيزل جي قيمت ساڳئي برقرار آهي

سکر: پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ واڌ خلاف پاڪستان تحريڪ انصاف سکر جا ڪارڪن احتجاج ڪري رهيا آهن

سکر (بيورو رپورٽ) پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) سکر جي اڳواڻن جي قيادت ۾ سوين ڪارڪنن ۽ شهرين سکر پريس ڪلب اڳيان پرامن احتجاجي مظاهرو ڪيو. مظاهرين مهانگائي، بيروزگاري ۽ حڪمرانن جي مبينا بدعنوانين خلاف سخت نعريبازي ڪندي ڪاوڙ جو اظهار ڪيو. احتجاج جي اڳواڻي پي ٽي آءِ سکر جي سينيئر اڳواڻ گوهر خان ڪوسو ٻين اڳواڻن سان گڏ ڪئي. هنن چيو ته موجودا حڪمران "چور" آهن جن عوام کي لٽي سندن مستقبل تباهه ڪري ڇڏيو آهي. گوهر خان ڪوسو موجب پيٽرول جي قيمت 328 رپيا في لٽر مان وڌي 460 رپيا ٿي وئي جڏهن ته ڊيزل جي قيمت 522 مقرر ڪئي وئي آهي جنهن سبب عوام جي معيشت سخت متاثر ٿي رهي آهي. جڏهن ته عوام جي سخت احتجاج بعد حڪومت پيٽرول جي قيمت اسي رپيا گهٽايا آهن ۽ ڊيزل جي قيمت ساڳئي برقرار آهي جنهن سبب مسافر گاڏين ۽ لوڊر گاڏيز جي ڀاڙن ۾ اضافو ٿيو آهي. مظاهرين حڪومت کان مطالبو ڪيو ته فوري طور تي ضروري شين جي قيمتن ۾ گهٽتائي ڪئي وڃي، واڌو ٽيڪس ختم ڪيا وڃن ۽ عوام کي رليف فراهم ڪيو وڃي. اڳواڻن چيو ته جيڪڏهن حڪومت عوامي مسئلن جو حل نه ڪڍيو ته احتجاجي تحريڪ کي وڌيڪ وڌايو ويندو. ان موقعي تي ٻين اڳواڻن پڻ خطاب ڪندي چيو ته عوام هاڻي وڌيڪ خاموش نه رهندو ۽ پنهنجي حقن لاءِ آواز اٿاريندو. احتجاج دوران سخت سيڪيورٽي انتظام ڪيا ويا، تنهن هوندي ۾ ڪو به ناخوشگوار واقعو پيش نه آيو. مظاهري جي پڄاڻي تي شرڪت ڪندڙن باني پي ٽي آءِ جي حق ۾ نعريبازي ڪئي.

ڪوٽڙي سائيٽ ۾پاڻي ڪوٽ ۽ سهولتن جي اڻهوند خلاف شهرين ۾ بيچيني

ميونسپل ڪميٽي بولهاڙي هڪ مخصوص گروپ جي قبضي هيٺ آهي: عبدالستار لُهر

ماڻهو مهانگي قيمتن تي ٽينڪر پاڻي خريد ڪرڻ تي مجبور آهن: شهباز ميمڻ

ڪارروائي نه ٿي ته پاڪستان نوجوان تحريڪ پاران احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي

ڪوٽڙي سائيٽ: ۾پاڻي ڪوٽ ۽ سهولتن جي اڻهوند خلاف شهرين ۾ بيچيني

ڪوٽڙي سائيٽ(ن ع)ڪوٽڙي سائيٽ ۾ميونسپل ڪميٽي بولهاڙي جي مبينا غيرقانوني قبضي، پاڻي جي هڙتالدو ڪوٽ ۽ بنيادي سهولتن جي اڻهوند خلاف شهرين ۾ سخت بيچيني پکڙجي وئي آهي. مقامي ماڻهن الزام هنيو آهي ته ادارو مڪمل طور تي هڪ مخصوص گروپ جي قبضي هيٺ آهي جتي عوامي مفادن بدران ذاتي مفادن کي ترجيح ڏني پئي وڃي. شهرين جو چوڻ آهي ته افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته ميونسپل ڪميٽي جهڙي اهم اداري کي هڪ ٽريڪٽر ڊرائيور هلائي رهيو آهي. جيڪو نه چونڊيل نمائندو آهي ۽ نه ئي ڪنهن قانوني انتظامي عهدي تي فائز آهي. شهرين سوال اٿاريو آهي ته آخر ڪهڙي قانون ۽ پاڪستان جي آئين جي ڪهڙي آرٽيڪل تحت اهڙي غيرقانوني عمل کي جاري رکيو ويو آهي؟ ساڳئي وقت، علائقي ۾ پاڻي جي هڙتالدو ڪوٽ سبب رهواسي سخت پريشان آهن. جتي پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي متاثر ٿيڻ سبب ماڻهو مهانگي قيمتن تي ٽينڪر پاڻي خريد ڪرڻ تي مجبور آهن. شهرين الزام لڳايو آهي ته ميونسپل انتظاميا ڪرپشن، نااهلي ۽ پاڻي واٽر ڪري پيدا ڪيل ڪوٽ سبب مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ مڪمل طور ناڪام ٿي چڪي آهي. ان موقعي تي پاڪستان نوجوان تحريڪ جي اڳواڻن عبدالستار لُهر، شهباز ميمڻ ۽ اسماعيل ميمڻ چيو ته ميونسپل ڪميٽي عوام جي خدمت لاءِ هوندي آهي، نه ڪنهن هڪ گروپ جي ذاتي جاگير لاءِ. هنن چيو ته ادارن تي غيرقانوني قبضا، ميرٽ جي لتاڙ ۽ بنيادي سهولتن کان عوام کي محروم رکڻ ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيو ويندو. هنن وڌيڪ چيو ته جيڪڏهن فوري طور تي پاڻي جي فراهمي بحال نه ڪئي وئي، ادارن مان قبضا ختم نه ڪيا ويا ۽ ذميوارن خلاف ڪارروائي نه ڪئي وئي ته پاڪستان نوجوان تحريڪ پاران سخت احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي، جنهن جي سموري ذميواري لاڳاپيل اختيارين تي هوندي. آخر ۾ اڳواڻن سنڌ حڪومت ۽ لاڳاپيل ادارن کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي ميونسپل ڪميٽي بولهاڙي کي غيرقانوني قبضي کان آزاد ڪرائي عوام کي بنيادي سهولتون فراهم ڪيون وڃن.

پلوڙ ملھ پهلوان معشوق علي بگٽي جي جنازي نماز ادا ڪئي وئي

ملھ پهلوان، سياسي، سماجي اڳواڻن ۽ صحافين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

معشوق بگٽي کي باٺوديرو ۾ اباڻي قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو

سنڌ جي ملھ پهلوانن ۾ وڏو خال پيدا ٿيو آهي، ڏک ۾ ورتل آهيون: پهلوان

مٽياري (ذ ر)مٽياري ضلعي سان تعلق رکندڙ سنڌ جي پلوڙ ملھ پهلوان معشوق علي بگٽي جي جنازي نماز ادا ڪئي وئي. سنڌ جي ناليواري ملھ پهلوان معشوق علي بگٽي جي جنازي نماز پٽ شاھ ۽ باٺوديرو ۾ ادا ڪري باٺوديرو ۾ سندس اباڻي قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو. جنازي نماز ۾ سنڌ جي ملھ پهلوان سياسي سماجي اڳواڻن ۽ صحافين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جنازي نماز ۾ شريڪ ملھ پهلوانن ۽ سياسي سماجي اڳواڻن ايس ڪي پي اڳواڻ جام شرڪت ابڙو پهلوان مشتاق منگريو پهلوان راحب ڪگڙ پهلوان نبي بخش بگٽي پهلوان غلام حسين چنڊ، پهلوان مظفر چنڊ سماجي اڳواڻ شعيب خاصخيلي سميت علائقي جي ماڻهن ۽ بگٽي برادري جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جنازي نماز ۾ موجود ملھ پهلوانن ۽ ٻين چيو ته پهلوان معشوق بگٽي جي وڇوڙي تي دلي صدمو پهتو آهي هنن چيو ته معشوق بگٽي سنڌ پنجاب بلوچستان ۾ ان دور جي پلوڙ ملھ پهلوانن کي ملهون ڏسي ڪيترائي ايوارڊ ماڻيا اتي موجود ملھ پهلوانن چيو ته مرحوم جي وڇوڙي تي سنڌ جي ملھ پهلوانن ۾ وڏو خال پيدا ٿيو آهي جنهن جي ڏک ۾ ورتل آهيون

ملڪ ۾بجيٽ جي تياري ۾اسٽيڪ هولڊر شموليت ممڪن نه ٿي سگهي

سرڪاري ترقياتي اسڪيمن جو لاڀ عام ماڻهو تائين نه پهچي سگهيو آهي

بجيٽ شفافيت محدود ۽ غيرمساوي آهي،ان ۾عوام جي شرڪت نه هجڻ برابر آهي

سي پي ڊي آءِ پاران اسٽيٽ آف بجيٽ ٽرانسپيرنسي رپورٽ 2025 جا نتيجا جاري

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر)سنڌ سوڌو ملڪ ۾ بجيٽ جي تياري ۾ اسٽيڪ هولڊر شموليت ممڪن نه ٿي سگهي. سماجي تنظيم پاران سال 2025جي رپورٽ جاري.سنڌ سوڌو سموري ملڪ جي يونين ڪائونسل کان وٺي صوبائي،قومي اسيمبلي ۾ملڪ جي سالانا بجيٽ جي تياري ۾شهرين سوڌو اسٽيڪ هولڊ جي شموليت ممڪن نه ٿي سگهي آهي.جنهن سبب سرڪاري ترقياتي اسڪيمن جو لاڀ عام ماڻهو تائين نه پهچي سگهيو آهي.ان سلسلي ۾ حيدرآباد ۾سماجي تنظيم سينٽر فار پيس اينڊ ڊولپمينٽ انيشيئيٽو سي پي ڊي آءِ پنهنجي سٽيزن نيٽورڪ بجيٽ اڪائونٽبلٽي جي ذريعي اسٽيٽ آف بجيٽ ٽرانسپيرنسي رپورٽ 2025 جا نتيجا ميڊيا بريفنگ دوران ضلعي حيدرآباد ۾نثار احمد سومرو ۽ ديڻ محمد ٽالپر نشات ويلفيئر آرگنائيزيشن پاران شيئر ڪيا ويا آهن رپورٽ ۾مالي سال 2024/25ع تي فوڪس ڪيو ويو آهي،جو ته موجودھ مالي سال اڃا جاري آهي ان جي مڪمل ڊيٽا سال جي آخر ۾ موجود هوندي، رپورٽ جي نتيجن مان ظاهر ٿئي ٿو ته بجيٽ جي شفافيت محدود ۽ غيرمساوي آهي،ان ۾عوام جي شرڪت نه هجڻ برابر آهي ۽ احتساب جو خال موجود آهي،بجيٽ دستاويزن کي باقائده عوام جي آڏو نه ٿو آندو وڃي ۽ شهرين کي بجيٽ ۾ شامل ڪرڻ جو

محرابپور ۾بجلي ڪنڊا سسٽم ۽ ڊفالٽرن خلاف ڪريڪ ڊائون

سيپڪو انتظاميه پاران رينجرس ۽ پوليس ساڻ ڪري آپريشن ڪيو

ڊفالٽر صارفين کي حراست ۾وٺي هزارين رپين جا رهت بل اوڳاڙي ڪري ورتا

محرابپور (ت-ر) محرابپور ۾سيپڪو انتظاميه پاران رينجرس ۽ پوليس ساڻ ڪري شهر جي مختلف علائقن ٽري روڊ ميمڻ پاڙو ڪمبوھ پاڙو نيو ٽائون سميت مختلف هنڌن تي بجلي ڪنڊا سسٽم ۽ بجلي ڊفالٽرن خلاف ڪريڪ ڊائون آپريشن ڪري ڪيترائي غير قانوني بجلي ڪنيڪشن ڪاٽا ڪري ڇڏيا ۽ ڊفالٽر صارفين کي حراست ۾وٺي هزارين رپين جا رهت بل اوڳاڙي ڪري ورتا ان موقعي تي لائين سپرينڊنٽ شهباز جوکيو يونين اڳواڻ شاهد سومرو ٻڌايو ته شهر ۾ بجلي چورن ۽ ڊفالٽرن خلاف ڪارروائي جو عمل بدستور جاري آهي هنن چيو ته ڊفالٽر صارفين کي بلن جي ادائگي لاءِ ڪين آسان قسط جي سهولت پڻ ڏيئون پيا ته جيئن سيپڪو جي رقمون باآساني سان ادا ڪري ڪنهن به قانوني ڪارروائي کان بچي سگهن هن وڌيڪ چيو ته شهر ۾ بجلي چوري ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪئي ويندي ۽ بجلي چوري ۾ ملوث صارفين ڊفالٽرن خلاف ڪيس داخل ڪرايا ويندا.

ٽنڊو محمد خان: سينئر صحافي عبرت جي ڊسٽرڪٽ رپورٽر جي والده ماجده جي ورسي جي موقعي تي ايصال ثواب لاءِ قرآن خواني دعا گهرندي

ٽنڊو محمد خان جي سينئر صحافي ذوالفقار چانڊيو جي والده جي ٻارهين ورسي،قرآن خواني ۽ خيرات ڪئي وئي

ٽنڊو محمد خان(ذ ر)ٽنڊو محمد خان جي سينئر صحافي ذوالفقار چانڊيو جي والده ماجده جي ٻارهين ورسي جي تقريب سندس رهائش گاهه ٻهرائي محلا ٽنڊو محمد خان ۾ ٿي گذري مرحوم جي ايصال ثواب لاءِ قرآن خواني ۽ خيرات پڻ ڪئي وئي ان موقعي تي ورسي جي تقريب کي مولوي محمد عيسا ڪٽي مرحوم جي ايصال ثواب لاءِ خصوصي دعا گهري وئي ان موقعي تي هن چيو ته هي دنيا عارضي آهي الله پاڪ اسان کي نماز پڙهڻ جو پابند بنائي جيڪو اسان تي فرض آهي الله پاڪ جي در دعا ٿا ڪريون ته مرحوم کي جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائيندو ان موقعي تي

وڌايل پيٽرول اگهه فوري واپس وٺي عوام کي رليف فراهم ڪيو وڃي:سرفراز شاھ

جنگ زده سوڌو پاڙيسري ملڪن ۾ پيٽرول جا اگهه معمولي واڌ ڪئي وئي آهي

ڪاڏي پيتي سوڌو دوائين جا اگهه ۽ ڪرايا خطرناڪ حد تائين وڌي ويا آهن

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر)حيدرآباد ضلعي بار جي سينئر وڪيل سيد سرفراز علي شاھ ڪالھ حيدرآباد پريس ڪلب ۾ايڊووڪيٽ عبدالسالڪ،ايڊووڪيٽ شاهد اعوان ۽ ٻين سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي وفاقي حڪومت پاران تازو وڌايل پيٽرول اگهه فوري واپس وٺي عوام کي ... مسلط ڪرڻ باوجود جنگ زده ملڪن سوڌو پاڙيسري ملڪن ۾ پيٽرول جا اگهه معمولي واڌ ڪئي وئي آهي پر پاڪستان ۾ پيٽرول اگهه ۾ وڏو اضافو ڪري عوام جو معاشي قتل ڪيو آهي.هن چيو ته پيٽرول جي اگهن ۾ ڳاٽي ٽوڙ واڌ سبب ڪاڏي پيتي سوڌو دوائين جا اگهه ۽ ڪرايا

سيهڻ: اسٽيشن تيل جي قيمتن ۾ واڌ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

سيهڻ ۾ تيل اگهن ۾ واڌ خلاف احتجاجي مظاهرو

روشن بازار کان اسٽيشن روڊ تائين احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو

حڪمرانن هزارادو مهانگي ڪري غريب عوام جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي: مظاهرين

سيهڻ اسٽيشن (رپورٽ: وقار علي هيسباڻي) وفاقي حڪومت طرفان پيٽرول ڊيزل ۽ شين جي اگهن ۾ واڌ خلاف سيهڻ ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان سلسلي ۾ روشن بازار کان اسٽيشن روڊ تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي ريلي ۾ مختلف سياسي سماجي تنظيمن ۽ شهرين جي وڏي انگ ۾ ڀرپور شرڪت، ان موقعي تي سماجي اڳواڻ اسلام الدين جوڻيجو خير محمد چانڊيو عرض محمد سرڳاٽي پرويز احمد سرڳاٽي رزاق چانڊيو خدمت علي سرڳاٽي غلام مرتضي وگهيو ۽ ٻين روزاني عبرت سان ڳالهائيندي چيو ته حڪمرانن هزارادو مهانگائي ڪري غريب عوام جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي حڪومتي پاليسيون غريب عوام کي وڌيڪ غربت طرف ڌڪي رهيون آهن هنن حڪومت کان مطالبو ڪيو ته پيٽروليم ڊيزل سميت روز مره جي استعمال جي شين جي اگهن ۾ فوري طور گهٽتائي آندي وڃي ٻي صورت ۾ احتجاجي تحريڪ کي وڌيڪ تيز ڪيو ويندو

جلالپور ڪينال ۽ گرين پاڪستان منصوبو سنڌ جي وسيلن تي ڌاڙو آهي: رياض چانڊيو

افسوس آهي ته سنڌ جي زرعي معيشت ۽ هارين کي مڪمل طور نظرانداز ڪيو پيو وڃي

فارمنگ جي نالي تي زمينن ۽ ٻيلن تي قبضا ڪيا پيا وڃن: بيان ۾ اظهار

سکر (بيورو رپورٽ) جيئي سنڌ محاذ جي چيئرمين رياض چانڊيو حڪمرانن جي معاشي منصوبن کي عوام کي تباھ ڪرڻ جي سازش قرار ڏيندي چيو آهي ته سنڌو درياھ تي تڪراري ڪينال منصوبا سنڌ خلاف سازش آهن. هن چيو ته جلالپور ڪينال ۽ گرين پاڪستان منصوبو سنڌ جي وسيلن تي ڌاڙو آهي جڏهن ته افسوس جو مقام آهي ته سنڌ جي زرعي معيشت ۽ هارين کي مڪمل طور نظرانداز ڪيو پيو وڃي. ڌاڙي دار طبقو حڪومتي پاليسين کان سخت متاثر ٿيو آهي ۽ عوام کي رليف ڏيڻ جا دعوائون رڳو دعوائون ئي ثابت ٿي رهيا آهن. هن خيالن جو اظهار هن سکر جي دوري دوران بندهاني فلاحي تنظيم جي صدر توفيق بندهاني جي رهائشگاھ تي ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو. رياض چانڊيو وڌيڪ چيو ته سنڌ ۽ بلوچستان جي وچ ۾ نفرت پکيڙڻ جون سازشون ناقابل قبول آهن. سندس چوڻ هو ته ڪارپوريٽ فارمنگ جي نالي تي زمينن ۽ ٻيلن تي قبضا ڪيا پيا وڃن. جڏهن ته ڪچي جي ڌوهارين جون نمائشي گرفتاريون اصل حقيقتون لڪائڻ جي ڪوشش آهن. پريس ڪانفرنس دوران هن گذريل مهيني سکر جي بي سيڪشن ٿاڻي پوليس طرفان سماجي شخصيت توفيق بندهاني کي بيگناھ گرفتار ڪري سندس خلاف هڪ هزار گرام چرس جو ڪوڙو ڪيس داخل ڪري جيل موڪلڻ جي عمل جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي. هن چيو ته پوليس جي سرپرستي ۾ نه رڳو سکر شهر پر سڄي سنڌ ۾ منشيات، چرس، شراب، گٽڪا، ماوا ۽ آئس عام طور تي وڪرو ٿي رهيا آهن. جنهن سبب نوجوان نسل تباھ ٿي رهيو آهي. هن وڌيڪ چيو ته افسوس جو امر آهي ته پوليس سماجي برائين خلاف آواز اٿاريندڙ سماجي اڳواڻن کي هراسان ڪري رهي آهي بجاءِ ان جي جو منشيات جي خلاف ڪارروائي ڪري. هن بالا اختيارين کان مطالبو ڪيو ته توفيق بندهاني خلاف داخل ڪوڙي ڪيس جو نوٽس وٺي ان کي ختم ڪيو وڃي ۽ ڪيس ۾ مسڪن تعاون جي خاطري پڻ ڪرائي.

ٽنڊوغلام علي ۾بيوھ عورت جو بااثر ۽ مختيار ڪار ماتلي خلاف احتجاج

بااثر غلام مصطفي،امتياز،مختيار لنڊ ۽ ٻين زمين تي قبضو ڪري ويٺا آهن:

اسان سنڌين فارم جو نقل ڊيڪاريو ته مختيار ڪار چيڪ ڪرڻ کان بغير روانو ٿي ويو

ٽنڊوغلام علي(ن ع)ٽنڊوغلام علي لڳ ڳوٺ غلام حيدر لنڊ جي رهواسين جو بااثرن خلاف پيرسن بيوھ عورت سومل لنڊ پنهنجي ٻارن ۽ ٻين وارثن سان گڏجي احتجاج ڪندا،پريس ڪلب اڳيان پهتا جي صحافين اڳيان پيرسن بيوھ عورت سومل لنڊ سندس پٽ اشرف لنڊ ۽ ٻين ڏانهيندي ٻڌايو ته بااثر غلام مصطفي، امتياز مختيار لنڊ ۽ ٻين منهنجي ذاتي 15 ايڪڙ ڪان مٿي ڏيھ ڪٽور ۾ پيل زمين تي زبردستي قبضو ڪري ويٺا آهن ۽ مون پيرسن بيوھ پاران زمين واپس گهرڻ تي مون کي منهنجي ٻچن کي ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ ۽ مارائڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن ۽ هنن چيو ته اهڙيون ڌانهون اسان راڄ جي چڱن مڙسن کي ڏنيون پر بااثر مڃڻ لاءِ تيار ناهن مظاهرين مختيار ڪار ماتلي تي به الزام هڻندي چيو ته جڏهن اسان قبضا خورن خلاف درخواست اي سي ماتلي کي ڏني جنهن تي مختيار ڪار ماتلي اسان کي آفيس ۾ گهرائڻ بجائي بااثر قبضا خورن جي ڳوٺ اوطاق ۾ اسان کي گهرائي بااثرن جي اڳيان مختيار ڪار چوي ٿو ته توهانجو اسان وٽ ڪو به زمين جو کاتو ناهي ۽ جڏهن اسان پاران سنڌين فارم جو نقل ڊيڪاريو ته مختيار ڪار چيڪ ڪرڻ کان بغير روانو ٿي ويو هنن وڌيڪ چيو ته اسان کي شڪ آهي ته مختيار ڪار ماتلي ۽ حد جو تپيدار بااثر قبضا خورن کان ڳري رشوت وٺي انهن جي ڊر بڻجي ڪوڙا کاتا ٺاهي اسان جي زمين تي قبضو ڪري ڦٻائڻ چاهي ٿو مظاهرين پ پ ايم اين اي مير غلام علي ٽالپر ڊي سي بدين ۽ اي سي ماتلي کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي آهي ته مختيار ڪار ماتلي ۽ حد جي تپيدار خلاف انڪوائري ڪرائي ۽ قبضا خورن خلاف ڪارروائي ڪري اسان جي اباڻي زمين تان قبضو ختم ڪرائي اسان سان انصاف ڪيو وڃي پيرسن بيوھ عورت روئيندي چيو ته اگر مون سان انصاف نه ٿيو ته آئون جيجل ماءُ خودڪشي ڪري ڇڏيندس جنهنجو ڪيس منهنجي زمين تي قبضو ڪندڙ قبضا خورن خلاف داخل ڪيو وڃي

ٽنڊو غلام علي: يوٽيلٽي بلن جي واڌ خلاف احتجاج ڪيو ويو

ڏڙو لڳ عوامي تحريڪ طرفان وسيلا ۽ وجود بچايو ڳوٺاڻي ڪچهري منعقد

ڪچهري ۾ فڪر پليجو سان واسطو رکندڙ سوين ڪارڪنن شرڪت ڪئي

اسٽيبلشمينٽ فيصلو ڪري ورتو آهي ته سنڌ جا وسيلا نيلام ڪرڻا آهن:وسند ٿري

ڏڙو (ن ع)ڏڙي ويجهو ڳوٺ علي محمد ٿهيم ۾ عوامي تحريڪ طرفان سنڌ جا وسيلا ۽ وجود بچايو جي عنوان هيٺ عوامي ڳوٺاڻي ڪچهري منعقد ڪئي وئي، عوامي ڳوٺاڻي ڪچهري ۾ عوامي تحريڪ جي مرڪزي صدر وسند ٿري، علي محمد پروين عزيز ميمڻ ساگر پرهياڙ ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو ڪچهري ۾ فڪر پليجو سان واسطو رکندڙ سوين ڪارڪنن سنڌياڻي تحريڪ جي عورتن ٻارن ۽ علائقي واسين جي شرڪت، تقريري مقابلا ٿيا،ان موقعي تي عوامي تحريڪ جي مرڪزي صدر وسند ٿري خطاب ڪندي چيو ته پاڪستان جي اسٽيبلشمينٽ تي قابض قوتن فيصلو ڪري ورتو آهي ته سنڌ جا وسيلا نيلام ڪري سامراج جي حوالي ڪرڻا آهن پوءِ اهو تيل هجي گئس هجي يا پيٽرول هجي وسيلن جي ڦرلٽ ڪرڻي آهي ان ڪري ڳوٺن ۾ اهڙي قسم جون ڪچهريون منعقد ڪري ماڻهن ۾ سجاڳي پيدا ڪري رهيا آهيون وسند ٿري چيو ته اسٽيبلشمينٽ مٿان جيڪو وڏيرو ۽ سرمائيدار قابض آهي ان کي فقط ڪرسي پياري آهي جن کي اسان نوڪر مقرر ڪيو اهي ٻاهرين ملڪ وڃي ڊيل ڪن ٿا هن چيو ته سنڌي ماڻهن وٽ جدوجهد ۽ تنظيم سازي کان سواءِ ٻي ڪا واھ بچي ناهي هن چيو ته عورتن کي پڙهائڻ سان گڏ کين سياسي تعليم ڏئي اڳتي آڻيون ۽ مالڪي ڪرايون وڏيرو اسان جي مالڪي نه ڪندو وطن کي بچائڻ لاءِ هيٺين طبقي جي ماڻهن ڪردار ادا ڪيو آهي هر جدوجهد ۾ ٻهريون ڪردار عوامي تحريڪ ادا ڪيو آهي ڪالاباغ ڊيم خلاف جدوجهد ۾ عوام اسان کي ڀرپور سوٽ ڏني ۽ اسان ڪامياب وياسين ون يونٽ يا ٻئي نظام خلاف جدوجهد ۾ به عوام ڀرپور ساٿ ڏنو هن وڌيڪ چيو ته جدوجهد عوام ڪري ٿي ۽ ان جو ڦل وڏي وڏيرو پوءِ اهو پيپلز پارٽي جو هجي يا ن ليگ جو اهو ڪاٿي ٿو عوام کي هاڻي سجاڳ ٿيڻو پوندو ان کان اڳ عوامي ڳوٺاڻي ڪچهري کي علي محمد پروين عزيز ميمڻ ساگر پرهياڙ ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو جڏهن ته محبتي آرٽ سرڪل پاران ٽيبلوز ۽ خاڪا پيش ڪيا ويا معصوم ٻارڙن گيت ۽ تقريرون ڪري خوب داد حاصل ڪيو

ڏڙو: عوامي تحريڪ طرفان سنڌ جا وسيلا ۽ وجود بچايو مهم تحت عوامي ڳوٺاڻي ڪچهري

ٺٽي ۾وڪيلن پاران مهنگائي ۾واڌ خلاف عدالتي ڪاروائين جو بائيڪاٽ

ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن جي سڏ تي سيشن ڪورٽ ۾ڪاروائين جو بائيڪاٽ ڪيو ويو

جنگ جو فائدو وٺي حڪمرانن ملڪ ۾ مهنگائي جي باھ ٻاري ڇڏي آهي:اعزاز شاھ

ٺٽو (ذ ر)ملڪ ۾ پيٽرول ۽ ڊيزل جي وڌندڙ اگهن توڙي مهنگائي ۾ واڌ خلاف ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن ٺٽو جي سڏ تي وڪيلن پاران ٺٽي ۾ عدالتي ڪاروائين جو بائيڪاٽ، ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن جي سڏ تي سيشن ڪورٽ ٺٽو سميت ماتحت عدالتن ۾ عدالتي ڪاروائين جي بائيڪاٽ ... جنگ جو فائدو وٺي حڪمرانن ملڪ ۾ مهنگائي جي باھ ٻاري ڇڏي آهي جنهن سبب عام ماڻهو سخت پريشانين کي منهن ڏيئي رهيو آهي هنن چيو ته پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ واڌ سان نه رڳو پيٽرول ڊيزل پر هر عام واهپي جي شين جي اگهن ۾ بي تحاشه واڌ ٿي وئي آهي هنن مطالبو

ٽنڊو محمد خان ضلع جي ريڊ سنڌي ڪيٽل فارم ۾ مالي بي ضابطگين جا سنگين الزام

مشينري جي مرمت لاءِ جاري ٿيندڙ رقم ۾ وڏي پيماني تي خرد برد ڪئي وئي،معمولي ڪم لاءِ وڏي بجيٽ ڏيکاري وئي:ذريعا

ريڊ سنڌي ڪيٽل فارم جي مختلف "ايڊن" هيٺ جاري ٿيندڙ فنڊن ۾ به ڪرپشن جو نئون رڪارڊ قائم ڪيو ويو

حاضري ۽ ڪارڪردگي جي ڪا به جانچ نه پئي ٿئي، ۽ مبينا طور "ڪيسو گرم ڪرڻ" واري ڪلچر کي هٿي ڏني پئي وڃي

اختيارين فوري نوٽيس وٺي شفاف جاچ ڪرائين،جيڪڏهن صاف شفاف احتساب نه ٿيو ته هي ادارو تباهي جي ور چڙهي ويندو:سماجي اڳواڻ

ملاڪاتيار: مشينري جي مرمت لاءِ جاري ٿيندڙ رقم ۾ وڏي پيماني تي خرد برد ڪئي

ملاڪاتيار(ن ع)ٽنڊو محمد خان ضلع جي ريڊ سنڌي ڪيٽل فارم ۾ مالي بي ضابطگين ۽ مبينا ڪرپشن جا سنگين الزام سامهون اچي رهيا آهن جتي ذريعن موجب مشينري جي مرمت لاءِ جاري ٿيندڙ رقم ۾ وڏي پيماني تي خرد برد ڪئي وئي آهي. چاٿايل ذريعن جو چوڻ آهي ته مرمتي ڪم يا ته ڪاغذن تائين محدود رکيا ويا آهن يا وري معمولي ڪم کي وڏي بجيٽ ڏيکاري سرڪاري خزاني کي تمام گهڻو نقصان پهچايو ويو آهي ذريعن اهو به انڪشاف ڪيو آهي ته ريڊ سنڌي ڪيٽل فارم جي مختلف "ايڊن" هيٺ جاري ٿيندڙ فنڊن ۾ به ڪرپشن جو نئون رڪارڊ قائم ڪيو ويو آهي. فارم تي مقرر سپرينٽينڊنٽ سليم رضا سولنگي خلاف ٻڌايو ويو آهي ته هن ريڊ سنڌي ڪيٽل فارم جي ملازمن کي کلي ڇوٽ ڏئي ڇڏي آهي جتي حاضري ۽ ڪارڪردگي جي ڪا به جانچ نه پئي ٿئي ۽ مبينا طور "ڪيسو گرم ڪرڻ" واري ڪلچر کي هٿي ڏني پئي وڃي. نتيجي طور ڪيترائي ملازم گهر ويٺي پگهارون کڻي رهيا آهن. جڏهن ته سرڪاري ڪم سخت متاثر ٿي رهيو آهي ان کان علاوه تيل ۽ ٻين لاڳاپيل خرچن ۾ به حد کان وڌيڪ بي ضابطگين جون شڪايتون ملي رهيون آهن ذريعن موجب تيل جي استعمال جا انگ اکر حقيقت کان گهڻو وڌائي پيش ڪيا وڃن ٿا، جنهن سان هر مهيني سرڪاري خزاني کي لکين رپين جو نقصان پهچي رهيو آهي. مقامي سماجي ۽ سياسي ڌرين مطالبو ڪيو آهي ته محمد علي ملڪاڻي جيڪو لائيو اسٽاڪ کاتي جو صوبائي وزير آهي ۽ لاڳاپيل اعليٰ اختياريون فوري نوٽيس وٺي شفاف جاچ ڪرائين سندن چوڻ آهي ته جيڪڏهن صاف شفاف احتساب نه ٿيو ته هي اهم سرڪاري ادارو مڪمل تباهي جي ور چڙهي ويندو سماجي اڳواڻن جو وڌيڪ چوڻ آهي ته موجوده سپرينٽينڊنٽ سليم رضا سولنگي کي فوري طور بدلي ڪري ڪنهن ايماندار فرض شناس ۽ باصلاحيت آفيسر کي مقرر ڪيو وڃي جيئن ادارو ڪرپشن جي چار مان نڪري عوامي مفاد ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهي ٻي صورت ۾ مقامي هارين حساب نه ڏيڻ سبب احتجاجي تحريڪ هلائڻ جو به عنديو ڏنو آهي. هاڻي ڏسڻو اهو آهي ته اعليٰ اختياريون ڪيتري سنجيدگي سان هن سنگين معاملي جو نوٽيس وٺن ٿا يا وري معاملو روايتي فائلن تائين محدود رهندو

ڪوٽڙي ڪبير ۾پيٽرول قيمتن ۾ ڳاٽي ٽوڙ واڌ خلاف مغل مارچ،احتجاجي مظاهرو

تحريڪ انصاف،شهيد ڀٽو گروپ ۽ سنڌ يونائيٽڊ پارٽي پاران لوڏي چونڪ وٽ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

پيٽرول ۾ 137 رپيا واڌ ڪري وري 80 رپيا گهٽائڻ عوام سان ڪليل مذاق آهي،ڊيزل جي اگهن ۾ گهٽتائي نه ڪئي وئي:مولابخش ٿيبو

ملڪي معيشت جو دارومدار ڊيزل تي آهي ٽريڪٽرن ۽ ٿريشر،ٽرانسپورٽ سميت سڄي مشينري ڊيزل تي آهي:راشد مغل

حڪمرانن جون پاليسيون عوام دشمن آهن،حڪمرانن عوام کان وات مان گرھ کسي ورتو آهي،جيڪو اسان کي قبول ناهي:عطا سهتو

ڪوٽڙي ڪبير: ۾پيٽرول قيمتن ۾ ڳاٽي ٽوڙ واڌ خلاف مغل مارچ،احتجاجي مظاهرو

ڪوٽڙي ڪبير(ن ع)پاڪستان تحريڪ انصاف ، شهيد ڀٽو گروپ ۽ سنڌ يونائيٽڊ پارٽي پاران پيٽرول مصنوعات ۾ ڳاٽي ٽوڙ واڌ ڪرڻ خلاف مغل پيٽرول پمپ کان مارچ ڪري لوڏي چونڪ وٽ احتجاجي مظاهرو ڪيو مظاهري جي اڳواڻي مولابخش ٿيبو ڊاڪٽر راشد مغل عطا حسين سهتو ڊاڪٽر قمر شيخ ، شعيب نوناري ۽ ٻين ڪئي، ان موقعي تي اڳواڻن ڪير بچائيندو پاڪستان عمران خان عمران خان. جيڪو تيل مهانگو ڪندو سمجهو وزير اعظم چور آهي جعلي حڪومت نامنظور جهڙا نعرا لڳايا، هنن خطاب ۾ چيو ته پيٽرول ۾ 137 رپيا واڌ ڪري وري 80 رپياگهٽائڻ عوام سان ڪليل مذاق آهي،ڊيزل جي اگهن ۾ گهٽتائي نه ڪرڻ سان حڪومت جو ٻٽو معيار چٽي طرح نظر اچي پيو ملڪي معيشت جو دارومدار ڊيزل تي آهي ٽريڪٽرن ۽ ٿريشرن ، ٽرانسپورٽ سميت سڄي مشينري ڊيزل تي آهي. جنهن ڪري معيشت تي وڏو اثر پوي ٿو چور حڪمرانن جون پاليسيون عوام دشمن آهن جعلي ميڊينڊيٽ حڪمرانن عوام کان وات مان گرھ کسي ورتو آهي جيڪو اسان کي قابل قبول ناهي. هنن گهر ڪئي ته فوري طور تيل جا وڌايل اگهه واپس ورتا وڃن ٻئي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

ڪبير پرسان مڱڻهار ۽ ڪليار برادرين ۾ زمين جي مالڪي تان ڇڪتاڻ وڌي وئي

ڪورٽ سڳوري جو نوٽيس ڪٽي گهر ڊاهڻ لاءِ پوليس جي وڏي نفري پهتي

مڱڻهار برادري جي عورتن پاران گهر ڊاهڻ جي صورت ۾پاڻ کي باھ ڏيڻ جو چتاءُ

ڳوٺ جمعه شهوڪ وٽ احتجاجي ريلي ڪڍي سخت نعريبازي ڪئي وئي

گهر ڊاهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته احتجاج جو دائرو وسيع ڪنداسين:سليم سنڌي

مٽياري(ذ ر)ڪبير پرسان ڳوٺ جمعه شهوڪ ۾ مڱڻهار برادري ۽ ڪليار برادريءَ وچ ۾ زمين جي مالڪي تان هلندڙ سبب ڇڪتاڻ وڌي وئي گهر ڊاهڻ لاءِ پوليس جي وڏي نفري پهتي پوليس موجب اسان ڪورٽ سڳوري جو نوٽيس ڪٽي پهتا آهيون جنهن ڪانپوءِ مڱڻهار برادري جي عورتن ٻارڙن پيٽرول جي بوتل ڪٽي گهر ڊاهڻ جي صورت ۾ پنهنجي پاڻ کي باھ ڏيڻ جو چتاءُ ڏيندي احتجاجي مظاهرو ڪيو جنهن کان پوءِ ڇڪتاڻ وڌي وئي، احتجاج ۾ يڪجهتي طور جميعت علماءِ اسلام ضلع مٽياري ڪنوينر سليم سنڌي کان علاوه امير علي ڪوسو، حسين حيدري ۽ ٻين مڱڻهار برادري سان گڏ مظاهري ۾ شريڪ ٿي ڳوٺ جمعه شهوڪ وٽ ريلي ڪڍي احتجاج پڻ ڪيو جميعت علماءِ اسلام اڳواڻ سليم سنڌي جو چوڻ هو ته مڱڻهار برادري جي ماڻهن سان اسان گڏ آهيون هن چيو ته گهر ڊاهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته اسان احتجاج جو دائرو وسيع ڪنداسين غريبن کان اجهو کسڻ هر گز نه ڏينداسين ٻئي پاسي مڱڻهار برادري دعوه ڪندي چيو ته گذريل لڳ ڀڳ 70 سالن کان اسان هتي آباد آهيون اها زمين سان محمد صالح ملاح کان خريد ڪئي هئي جنهن جو سڄو علائقو گواھ آهي بااثر بشير احمد ڪليار جيڪو ڳوٺ سنجر چانگ، ٽنڊوالهيار جو رهواسي ٻڌايو ويو آهي جيڪو مبينا طور جعلي ڪاتا ٺهرائي ڪافي عرصي کان هراسان ڪري رهيو آهي اسان کي اڄ خبر پئي آهي ته اسان جي گهرن کي اڄ بااثر شخص بشير ڪليار پوليس سان گڏ مسمار ڪرائيندو جنهن کان پوءِ روڊن تي نڪري آيا آهيون مڱڻهار برادري جي عورتن امينا نغمه ۽ ٻين هٿن ۾ پيٽرول ڪٽي چتاءُ ڏيندي چيو ته اگر اسان سان انصاف نه ٿيو ته پنهنجي پاڻ کي باھ ڏئي ساڙيندا سين جنهن ڪانپوءِ فلحال پوليس واپس هلي وئي احتجاج ڪندڙن مڱڻهار برادري عورتن مردن وس وارن اختيارن کان مطالبو ڪيو آهي ته بااثر شخص خلاف ڪارروائي ڪري اسان جي گهرن کي مسمار ڪرڻ کان بچايو وڃي نه ته ٻي صورت ۾ احتجاجي دائرو وڌايو ويندو

ايم پي او ايڪس جي روڪٿام ۽ فوري علاج لاءِ گمس اسپتال گمبٽ ۾ آئسوليشن وارڊ قائم

گمس ۾ وبا جي روڪٿام ۽ متاثر ٻارڙن جي علاج معالج لاءِ 20 بسترن وارو وارڊ قائم ڪيو ويو

آئسوليشن وارڊ ۾ متاثر ٻارڙن جي علاج لاءِ ماهر ڊاڪٽرن جي ٽيم هر وقت موجود آهي: ڊي ايڇ او خيرپور

جيڪڏهن ٻارن ۾ ڪي به علامتون ظاهر ٿين ته فوري طور تي گمس جي آئسوليشن وارڊ اچن: ڊاڪٽر رحيم بخش ڀٽي

سکر(بيورو رپورٽ) ايم پي او ايڪس جي روڪٿام ۽ فوري علاج لاءِ گمس اسپتال گمبٽ ۾ قائم آئسوليشن وارڊ جي ساراهه گمس اسپتال گمبٽ ۾ ايم پي او ايڪس جي وبا جي روڪٿام ۽ متاثر ٻارڙن جي علاج معالج لاءِ 20 بسترن وارو وارڊ قائم ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ جديد طبي سهولتون موجود آهن گمس جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر رحيم بخش ڀٽي جي هدايتن تي فوري طور آئسوليشن وارڊ جو دورو ڪيو ۽ اهڙي ترت ۽ وقتائتي قدم کڻڻ تي ڊي ايڇ او خيرپور ساراهيندي چيو ته گمس اسپتال جي آئسوليشن وارڊ ۾ متاثر ٻارڙن جي علاج لاءِ ماهر ڊاڪٽرن جي ٽيم هر وقت موجود آهي.ڊي ايڇ او خيرپور چيو ته عوام جي خدشن کي ختم ڪرڻ لاءِ هي وارڊ قائم ڪيو ويو آهي.ڊاڪٽر رحيم بخش ڀٽي ڊائريڪٽر گمس، والدين کي مشورو ڏيندي چيو آهي ته جيڪڏهن انهن جي ٻچڙن ۾ ڪي به علامتون ظاهر ٿين ته فوري طور تي گمس جي آئسوليشن وارڊ اچن جيڪو 24 ڪلاڪ کليل رهندو جتي کين مفت بهترين سهولتون فراهم ڪيون وينديون هن چيو ته علائقي ۾ اهڙي صورتحال جي نگراني پڻ ڪئي پئي وڃي، جڏهن ته هڪ باقاعده ريپڊ رسپانس ٽيم (RRT)پڻ ناهي وئي آهي ۽ پرسنل پروٽيڪٽو ايڪوپمينٽ (PPE) ڪٽس جي استعمال بابت هدايتون پڻ جاري ڪيون ويون آهن.

سکر ۾ "سنڌ يوٿ ياترا 2.0"ڪاميابيءَ سان پڄاڻي تي پهتي

پروگرام جي ٻئي ايڊيشن ۾ مختلف ضلعن جي نوجوان اڳواڻن کي گڏ ڪيو ويو

مذهبي رهنما نوشاد علي جعفري مسجد جي اڏاوتي ۽ روحاني تاريخ بابت تفصيلي بريفنگ

سکر (بيورو رپورٽ) ڊائريڪٽوريٽ آف يوٿ افيئرز سنڌ، رانڊين ۽ نوجوانن جي معاملن واري کاتي حڪومت سنڌ جي تعاون سان "سنڌ يوٿ ياترا 2.0" سکر ۾ ڪاميابيءَ سان پڄاڻي تي پهتي هن اهم پروگرام جي ٻئي ايڊيشن ۾ مختلف ضلعن جي نوجوان اڳواڻن کي گڏ ڪيو ويو ته جيئن هو خطي جي تاريخي، ثقافتي ۽ مذهبي ورثي کي ويجهڙائي کان ڏسي سگهن ياترا دوران مختلف تاريخي ماڳن جو دورو ڪيو ويو جيڪي بين المذاهب مڪالمي ۽ سماجي ٻڌي لاءِ هڪ بهترين پليٽ فارم ثابت ٿيا ڪربلا مسجد روهڙي جي مذهبي رهنما نوشاد علي جعفري مسجد جي اڏاوتي ۽ روحاني تاريخ بابت تفصيلي ڄاڻ ڏني ۽ نوجوانن جي وفد سان سوالن جوابن جو سيشن پڻ ڪيو سادهو ٻيلو تيرٿ گرو جي اڳواڻ راجيش ڪمار هندو عقيدن ۽ هن ماڳ جي تاريخي اهميت بابت آگاهي ڏني ايڪتا جي شاندار مظاهري طور شرڪت ڪندڙن مقامي هندو برادري سان گڏجي رنگن جو ڏڻ "هولي" ملهايو ... خوشين ۾ ڀرپور شرڪت ڪئي لوڪل گوردوارو جو شرڪت ڪندڙن سک روايتن جو مشاهدو ڪيو ۽ ميزباني توڙي گڏجي رهڻ جي اهميت تي زور ڏنو هن سفر کي وڌيڪ دلچسپ بڻائڻ لاءِ ٽور گائيڊز جي ٽيم جنهن ۾ سميع الله محمد عاصم عبدالغفار صبا احسن سبين ۽ رفيع الله معزز رهنما ريورنڊ وارث ۽ پنڊت راجيش ڪمار پڻ موجود هئا اسسٽنٽ ڊائريڪٽر يوٿ افيئرز رضوان علي ملاح تقريب ۾ شرڪت ڪندي صوبائي وزير سردار محمد بخش خان مهر جي ويزن ۽ سيڪريٽري منور علي مهيسر جي رهنمائي تي روشني وڌي رضوان علي ملاح چيو ته "اسان جو کاتو اهڙين جديد سرگرمين ذريعي نوجوانن کي بااختيار بڻائڻ لاءِ پرعزم آهي جيڪي سماجي وڇوٽين کي ختم ڪن ٿيون" هن وڌيڪ چيو ته اسلامي تعليمات تي ٻڌل امن ۽ رواداري ئي اسان جي زندگي ۽ قومي ترقيءَ جو بنياد آهي تقريب جي آخر ۾ مهمانن ٽور گائيڊز ۽ نوجوانن ۾ سرٽيفڪيٽس ۽ تحفا ورهايا ويا

پنگريو پرسان ڳوٺ ولي محمد چانڊيو واسي جو احتجاج

پنگريو(ن ع) پنگريو پرسان ڳوٺ ولي محمد چانڊيو واسي محمد ايوب چانڊيو ۽ پائيرن سائينداد چانڊيو محمد رمضان چانڊيو غلام علي چانڊيو ۽ الهداد وچ ۾ مائيٽاڻي زمين جي ورهاست تان 14سالن کان هلندڙ تڪرار جو سردار ايم پي اي حاجي رسول چانڊيو جي سرپنچي ۾ فيصلو ٿيو جنهن ۾ ڳالهيون ٻڌي سردار حاجي رسول بخش چانڊيو مائيٽاڻي زمين مان ٻي نمبر وڏي ڀاءُ ايوب چانڊيو کي سندس حصي جي زمين 12 ايڪڙ فيصلي ۾ ڏني وئي جنهن ڪانپوءِ پائرن سان ڪاوڙجي بلوچستان لڏي ويل ايوب چانڊيو واپس پنهنجي اباڻي ڳوٺ ولي محمد چانڊيو لڏي آيو جتي وڏي عرصي کان وڇڙي ويل پائرن ۾ سردار رسول بخش چانڊيو پاران رنجشون ختم ڪرائي کين ڪنڌ ڪرڻ تي برادري ۾ مٺائي ورهائي خوشي جو اظهار ڪيو ويو هوڏانهن پريس ڪلب پنگريو پهچي پاڻ ۾ ڪاوڙيل پائيرن محمد ايوب چانڊيو ۽ غلام علي چانڊيو صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته اسان کي سردار حاجي رسول بخش چانڊيو

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

آڱارو 07 اپريل 2026ع

مهانگائي جو طوفان ڪيئن روڪبو؟

سنڌ حڪومت پاران پبلڪ ٽرانسپورٽ جا ڀاڙا 28 فيبروري 2026ع واري سطح تي برقرار رکڻ جو فيصلو بظاهر عوامي رليف ڏيارڻ جي هڪ اهم ڪوشش طور سامهون آيو آهي. وڏي وزير سيد مراد علي شاهه پاران ٽرانسپورٽرن سان ڳالهين ڪري هڪ اهڙي پاليسيءَ جو اعلان ڪيو ويو آهي، جنهن جو بنيادي مقصد وڌندڙ پيٽرول ۽ ڊيزل جي قيمتن سبب عوام تي بار کي گهٽائڻ آهي. خاص طور تي گهٽ آمدنيءَ وارن ماڻهن، شاگردن ۽ روزانو ڪم ڪار لاءِ سفر ڪندڙ طبقي لاءِ هي قدم ڪجهه حد تائين ساهه کڻڻ جهڙو محسوس ٿئي ٿو. حڪومت جو چوڻ آهي ته ٽرانسپورٽرن جي نقصان جي ازالي لاءِ سبسڊي فراهم ڪئي ويندي، جيڪا 3 کان 4 ارب رپين تائين ٿي سگهي ٿي، جڏهن ته مجموعي طور تي 14 ارب رپين جو فريم ورڪ تيار ڪيو ويو آهي. هن پاليسيءَ ۾ نه رڳو پبلڪ ٽرانسپورٽ پر اسڪول وينز ۽ مال بردار گاڏيون به شامل ڪيون ويون آهن. جنهن سان اميد آهي ته روزمره جي استعمال وارين شين جا اگهه به ڪنٽرول ۾ رهندا. اهو قدم هڪ جامع حڪمت عمليءَ جو حصو لڳي ٿو جنهن جو مقصد صرف ٽرانسپورٽ نه پر سڄي معيشت تي مهانگائي جي اثر کي گهٽ ڪرڻ آهي. پر سوال اهو آهي ته ڇا صرف ڀاڙا منجمد ڪرڻ سان مسئلو حل ٿي ويندو؟ حقيقت اها آهي ته سنڌ سميت سڄي ملڪ ۾ پيٽروليم شين جي اگهن ۾ واڌ هڪ اهڙو مسئلو بڻجي چڪو آهي، جيڪو زندگيءَ جي هر شعبي کي متاثر ڪري رهيو آهي. ٽرانسپورٽ جا خرچ گهٽ ٿيڻ سان عوام کي عارضي رليف ته ملندو پر کاڌي پيتي، بجلي، گئس ۽ ٻين بنيادي ضرورتن جا اگهه به ساڳئي رفتار سان وڌي رهيا آهن. اهڙي صورتحال ۾ هڪ شعبي ۾ رليف ڏيڻ سان مڪمل معاشي دٻاءُ ختم ٿيڻ ممڪن نظر نٿو اچي.

ٻئي طرف، سڄي سنڌ ۾ پيٽرول ۽ ڊيزل جي قيمتن ۾ واڌ خلاف ٿيل احتجاج عوام جي وڌندڙ بيچيني ۽ مايوسيءَ کي واضح ڪري ٿو. ڪراچي کان وٺي سجاول، حيدرآباد، لاڙڪاڻو سکر، جيڪب آباد ۽ ٻين ڪيترن ئي شهرن ۾ شٽرڊائون هڙتالون، ريليون ۽ ڌرڻا ان ڳالهه جو ثبوت آهن ته عوام هاڻي مهانگائيءَ جي بار کي برداشت ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. عورتن جو ٿانو کڻي روڊن تي نڪرڻ هجي يا نوجوانن جو سائيڪلن تي احتجاج ڪرڻ، اهي سڀ علامتي عمل هڪ وڏي سماجي بيچينيءَ جي عڪاسي ڪن ٿا. وڏي وزير جو اهو چوڻ ته "اسان ٽرانسپورٽرن نه پر عوام کي فائدو ڏئي رهيا آهيون" پنهنجي جاءِ تي درست آهي. پر ان پاليسيءَ جي ڪاميابي جو دارومدار ان جي شفاف عملدرآمد تي هوندو. جيڪڏهن سبسڊي صحيح طريقي سان ٽرانسپورٽرن تائين نه پهتي يا ان جو غلط استعمال ٿيو ته نه صرف ٽرانسپورٽر متاثر ٿيندا، پر عوام کي به اميد ڪيل فائدو نه ملي سگهندو. ماضيءَ ۾ به اهڙين پاليسين ۾ ڪرپشن ۽ انتظامي ڪمزوريون سامهون ايندڙيون رهيون آهن. جن سبب عوامي رليف جا مقصد حاصل نه ٿي سگهيا. ضروري آهي ته حڪومت صرف سبسڊي تي ڀاڙڻ بدران ڊگهي مدي وارين پاليسين تي به ڌيان ڏئي. متبادل توانائي ذريعن کي فروغ ڏيڻ، پبلڪ ٽرانسپورٽ سسٽم کي جديد بڻائڻ ۽ ٻارڻ تي انحصار گهٽائڻ جهڙا قدم مستقبل ۾ اهڙن بحرانن کان بچڻ ۾ مددگار ثابت ٿي سگهن ٿا.

تيل ۽ ڪفايت



مير اعظم علي ٽالپر

سنڌي ۾ عام چوڻ آهي ته 'هري سنڌي هين. تنگ پڇي ته به ته رهي' مطلب ته جهڙو انسان هوندو اهو آخري دم تائين ساڳي حالت ۽ ڪيفيت ۾ رهندو. چاهي سنڌس پرپاسي وارو ماحول کهڙو به هجي پر هُو جيئن جو تيئن ئي رهندو. هن ۾ وڌيڪ لفظ 'تنگ' جي پڪائي وجهي ڇسڪو ۽ لاڳاپا حاصل ڪرڻ جي ڪابه ضرورت نه آهي. دراصل اڄ کان تقريبن 20 کن ڏينهن اڳ عيدالفطر آئي ۽ هميشه جيان آئي ۽ وئي به هلي تي وئي. اُن عيد جي موقعي تي راقم جو مضمون 'عيد جو تحفو قلم' هتان ئي ڪالمن جي زينت بڻيو هو پر راقم کي قدرت طرفان ڪجهه بيو تحفو نصيب ٿيو هو ۽ زندگي ۾ اها گذريل پي عيدالفطر 21 مارچ جنهن ڏينهن واري هئي جنهن جي هوش سنڀالڻ کانپوءِ مسجد ۾ وڃڻ باوجود عيد نماز پڙهڻ جي سعادت نصيب نه ٿي سگهي حالانڪ تيار ٿي تڪبيرون هلنديون 'الله اڪبر الله اڪبر' جوندو عيد گاهه ۾ پهچڻ شرط ماربل واري فرش تي پير سلپ ٿي وڃڻ ۽ ڦهڪو ڪري پٽ تي ڪرڻ سان ڏک اچڻ سبب ڪاٻي هٿ جي مڻان ڪرائي کان ٻانهن پچي پئي مسجد ۾ بيٺل جماعتين ڪُٺي ڪرسيءَ تي ويهارين پر نماز لاءِ وڌيڪ مسجد ۾ ويهڻ ممڪن نه رهيو ۽ بنا نماز ادا ڪرڻ جي گهر واپس موٽڻو پيو ۽ عيد ڏينهن ايڪسري جي سهولت به ميسر نه ٿي. البت پٽو پراڻي طريقي موجب ڪرايو سُور ۽ تڪليف هئڻ واضح هئي جو ته عام طور اهو ئي چيو ويندو آهي ته هڏ پچندو ئي سورن لاءِ آهي بهرحال سلجي اڪ جي نظر ته اڳ ئي ته هئڻ برابر هئي پر هاڻ في الحال ڪجهه مهينن لاءِ کاٻي ٻانهن به بيوفا رهندي ۽ ڪم نه ڪندي ڏک جي خبر ملڻ تي ڪيترائي عزيز دوست مسلسل خيريت معلوم ڪرڻ لاءِ ايندا رهيا آهن. اُنهن جون لک مهربانيون بهرحال ڏک سو به 72 سالن واري عمر ۾ اچڻ وڏو ڏک آهي سو به اردو ٻولي جيان ٻانهن ٻاڙو وارو يعني ڪاٻي ٿرجو ڏک.

هن وقت دنيا ۾ تيل بچت ۽ ڪفايت جو مسئلو ٽرمپ جي چرايپ جي ڪري پيدا ٿيو آهي دنيا ۾ لڙايون جنگيون اڳ به ٿينديون هيون پر پراڻي وقت ۾ لڙائي ملڪن جي سرحدن تي ٿيندي هئي ملڪن جون فوجون هڪٻئي جا علائقا کٽينديون هيون پر موجوده زماني ۾ لڙائي به رحيم جينج تحت ٿي ٿئي هر ڪو ملڪ ۾ ميزائيل ۽ ڊرون گهران ويٺي گلم غليچي تان فائر ڪري ٿو اڳ ۾ لڙائي وچ اوير ۾ هلندڙ هئي پر اسرائيل جي دٻاءَ ۾ اچي امريڪا ايران سان به جنگ جوٽي چڪو آهي هن لڙائيءَ دنيا ۾ وڏي هلچل پيدا ڪري ڇڏي آهي حالانڪ لڙائي ته سعدي ۽ شيرازي جي ملڪ ۾ هلي رهي آهي پر پيٽرول ۽ ڊيزل پاڪستان ۾ ايترو مهانگو ٿي ويو آهي جنهن عوام جي نيوڙي ڇڏيو آهي ۽ حڪومت عوام کي تيل جي بچت ڪرڻ جا سهڻا سخن ٻڌائي رهي آهي ته ڪيئن بچت ڪجي؟ اُن لاءِ راقم الحروف جو سرڪار مائي باپ کي عرض آهي ته فوري طور پيٽرول ۽ ڊيزل کي بچائڻ جا به آسان طريقا آهن هڪ اهو ته شهرن ۾ شهري عوامي سواري لاءِ ٽانگا ۽ شاهوڪار فيملي وارا بگيون استعمال ڪن ۽ حيدرآباد ۾ قليلي تي ماضي ۾ لڳل گول پليٽ تي لڪيل 'ٽانگو اسٽينڊ' کي بحال ڪيو وڃي ڪوهه نور چوڪ ريشم گلي ويجهو گهوڙن جو اصطبل بيهر فنڪشنل بڻايو وڃي ۽ پوءِ شهري هڪ ٻئي هند فلم 'واڄي' جو گانو سڌير تي فلمايل مسعود رانا جو ڳايل 'ٽانگي والا خير منگدا' ڳائيندا سفر ڪن ته وري پشاور ۾ فلم 'پيار ڪا بندڻ' جو گانو محمد رفيع جو ڳايل ۽ راج ڪمار تي فلمايل 'ٽانگا پشاوري ميرا گهوڙا لاهوري ميرا' ڳائيندا سفر ڪن ته وري لاهور وارا فلم 'يڪي والي' جو گانو منير حسين جو ڳايل ۽ سڌير تي فلمبند ڪيل گانو 'ڪلي سواري پاتي لاهوري' ڳائيندا ته ڪراچي وارا احمد رشيدي جو مشهور گانو 'بندر روڊ سي ڪيماڙي چلي ري ميرا گهوڙا' ڳائيندي سفر ڪن اُن ڪانسواءِ هڪ شهر کان ٻئي شهر سامان سوزوڪي وغيره ۾ آڻڻ تي فورن پابندي وجهي سامان جي آڻڻ ۽ کڻڻ لاءِ ماضيءَ وارو سسٽم گهوڙا گاڏي کي رود تي آڻڻ جو حڪم ڏنو وڃي زراعت ۾ هر ڏيڻ لاءِ ٽريڪٽر بدران ڏاندن (ڏڳن) کي آندو وڃي ۽ ٿريشر کي ڪٽڪ ۾ استعمال ڪرڻ تي هڪدم بندش عائد ڪئي وڃي ۽ ٽيپيدار ۽ مختياڪار پنهنجي حدن ۾ ٽريڪٽر ۽ ٿريشرن کي ضبط ڪن ۽ ڪٽڪ جي هلر ڳاهڻ لاءِ ڏڳن کي آندو وڃي ۽ اُن سان گڏوگڏ شهرن جي پرپاسي ۾ لوڊر ڦٽي جي هلائڻ تي پابندي وڌي وڃي ۽ اُن بدران گڏهه گاڏيون هلايون وڃن ۽ گهٽين بار پوئڻ لاءِ اَٺ گاڏين جي روايت کي بحالي ڪيو وڃي ۽ ڪئي به ٽريڪٽر ٽرالي هلندي نظر اچي ته فورن ضبط ڪئي وڃي اُن ڪانسواءِ اَٺ ۽ گهوڙي جي سواري کي سرڪار هٿي وٺرائي ته تيل جي زبردست بچت ٿيندي ۽ پڻ ماضيءَ جيان صدر ضياءِ الحق جي سائيڪل تي چڙهي آفيس اچڻ وارو مثال بيهر ورجايو وڃي شهباز شريف ۽ صدر آصف علي زرداري سائيڪل تي آفيس اچن البت اها پي ڳالهه آهي ته ضياءِ الحق خود سائيڪل تي هوندو هو ته سنڌس سيڪيورٽي وارا ڪارن ۾ هوندا هئا، هن وقت ملڪ ۾ هر ڪو آئي ايم ايف پاران تن لکن کان مٿي جو قرضي آهي اول تيل جو اگهه 137 روپيا وڌايو پوءِ اُن مان 80 روپيا گهٽ ڪرڻ تائين وڃائڻ لاءِ ڪيو ويو هو سو به ڊيزل جو ته جنهن سان معشت جو ڦيٿو ڦري ٿو باقي اتڪل بازي سان ترڪن کي 70 هزار روپيا ڏيڻ لالي پاپ آهي

انسان جي عقل ۾ ڪجهه ڳالهيون اکين اڳيان هونديون به سمجهه کان بالاتر هونديون آهن ۽ سمجهه ۾ نه اينديون آهن اُن ڪري جيڪڏهن ڪو ڏنل ٽارگيٽ مطابق نشاني ٻڌايل نشان تي نه پهچي يا پهچندي اُڌ ۾ غائب ٿي وڃي ته اُن لاءِ ڇا ڪجي ۽ اُن کي ڇا چئجي؟ جيئن ڪو جنگ جي ميدان مان اوچتو گم ٿي وڃي ۽ وڙهڻ بدران پڇڻ ڪم ورڻ ۾ جي عين اصول تي پهچي وڃي ۽ نعرا وري انقلاب جا هڻندو رهي پر انقلاب اچڻ کان اڳ ئي خود همراهه نه لڀي ته ڇا ڪجي؟ حالانڪ هُو پنهنجي واتان 'رحيم جينج رحيم جينج' جي رٽ لايو ويٺو هجي پر رحيم جينج ٿيڻ کان پهرين ئي سنڌس رحيم جينج ٿي وڃي ته اهڙي ماڻهوءَ لاءِ ڇا چئجي؟ عاشق اسرائيل امريڪا جنگ ڪرڻ جو عشق ته ظاهر ڪري ٿو پر عشق جي مار پوڻ تي 'تو ڪو گيلرا' ٿيڻ جون واتون ۽ تلاش ڪري ٿو اهڙا عاشق جيڪي لڙائي مان فرار اُٿين ٿيڻ جيئن ڪا خبر ته پئي مطلب ته جيئن 'گڏهه جا سڱ' اُن کي بهادر امريڪا ڇا چئجي؟ اُن کي انگريزي وارو جملو 'بو اينڊ ڊاٽ' هر هنڌ ته هلندو آهي جيڪڏهن ڪوشش ڪئي وڃي ته پوءِ اُتين ٿيندو جيئن ڳڻن جا مڇيان ڏنڊ ويندا آهن اُتين ميدان مان تڪرٽو پوندو وڙهڻ

آمريڪا جي فضائن مان

"جهنم ڪڙڪي پوندو": جارحاڻي ٻولي، هڪ شخصيت ۽ خطري واري بيانئي جي ڪهاڻي

راجا زاهد اختر خانزاده

ڪڏهن ڪڏهن هڪ جملو تاريخ جو رخ بدلائي ڇڏيندو آهي، ۽ ڪڏهن هڪ جملو رڳو لفظ نه هوندو آهي، پر ذهن جي هڪ ڪڙڪي هوندو آهي.

گذريل ڏينهن ڊونلڊ ٽرمپ پنهنجي ٽرٿ سوشل ميڊيا پليٽ فارم تي اهڙو بيان ڏنو جنهن دنيا کي حيران ڪري ڇڏيو. ايران لاءِ 48 ڪلاڪن جو الٽيميٽم، گارين ۽ سخت ٻولي ۽ اهو جملو جيڪو هاڻي عالمي ميڊيا جي سرخي بڻجي چڪو آهي:

"جيڪڏهن ڳالهه نه مڃي وئي ته جهنم ڪڙڪي پوندو...

هرمز جي آبنائي کوليو..." هيءَ رڳو هڪ ڌمڪي نه هئي،

هيءَ هڪ لهجو هو، هڪ انداز، هڪ ذهني حالت جي عڪاسي.

واشنگٽن کان وٺي يورپ تائين، ردعمل فوري آيو. ڪجهه اڳواڻن ان کي غير ذميوارانه قرار ڏنو، ڪن ان کي خطرناڪ حد تائين ڇڪتاڻ ۾ واڌ چيو ۽ ڪجهه خاموش رهيا. ڇڻ اهي هن جملي جي پويان لڪل سنجيدگيءَ کي سمجهي رهيا هجن. مغربي ميڊيا جي ڪيترن ئي تجزيه نگارن ان کي "بي مثال جارحاڻي بيانيو" چيو، جڏهن ته ڪجهه آمريڪي سياسي شخصيتن ان کي "غير متوازن ۽ قابو کان ٻاهر رويو" قرار ڏنو.

پر سوال اهو ناهي ته ٽرمپ ڇا چيو.

سوال اهو آهي ته هو اهڙي طرح ڇو ڳالهائي ٿو؟

هتان ڪهاڻي هڪ نئون رخ وٺي ٿي.

2017 ۾ هڪ ڪتاب منظر عام تي آيو، جنهن جو نالو هو:

The Dangerous Case of Donald Trump

(ڊونلڊ ٽرمپ: هڪ خطرناڪ ڪيس جو تجزيو)

هي ڪو عام ڪتاب نه هو ان کي هڪ فرد نه، پر ڪيترن ماهرن لکيو. ان جي ايڊيٽر Bandy X. Lee هئي، ۽ ان ۾ 27 کان وڌيڪ نفسياتدانن ۽ ذهني صحت جي ماهرن پنهنجا خيال پيش ڪيا. هيءَ ڪتاب هڪ بنيادي سوال اٿاري ٿو:

ڇا هڪ اڳواڻ جي ذهني حالت پوري دنيا لاءِ خطرو بڻجي سگهي ٿي؟

ليڪڪن واضح ڪيو ته هو باضابطه تشخيص نٿا ڪن، ڇاڪاڻ ته آمريڪي نفسياتي اصول، خاص طور تي Goldwater Rule، ان جي اجازت نٿا ڏين. تنهن هوندي به، هنن ٽرمپ جي رويي، بيانن ۽ فيصلن جي بنياد تي ڪجهه خاصيتون بيان ڪيون.

انهن "malignant narcissism" جو ذڪر ڪيو يعني اهڙي خودپسندي جيڪا ٻين کي به نقصان پهچائي سگهي. انهن paranoia جو ذڪر ڪيو يعني مسلسل خطري جو احساس. ۽ antisocial tendencies جو به اشارو ڪيو يعني اهڙا رويا جيڪي سماجي اصولن کان هٽي هجن.

هي ڪتاب متنازع بڻيو

ڪجهه ماڻهن ان کي سياسي حملو چيو

ڪجهه ان کي ضروري خبرداري قرار ڏنو

پر وقت سان هڪ عجيب تبديلي آئي

جيڪي ڳالهيون هن ڪتاب ۾ لکيون ويون هيون، اهي هاڻي صرف صفحن تائين محدود نه رهيون اهي بيانن ۾ نظر اچڻ لڳيون، تقريرن ۾ ٻڌڻ ۾ آيون ۽ سوشل ميڊيا جي جملن ۾ ظاهر ٿيڻ لڳيون

ٽرمپ جو تازو بيان ان ئي سلسلي جو حصو لڳي ٿو.

هتي مسئلو صرف لفظن جو ناهي هي لهجي جو مسئلو آهي

اهو لهجو جيڪو سفارتڪاريءَ مان نڪري ٽڪراءَ ۾ تبديل ٿي وڃي ٿو. اهڙي ٻولي جيڪا ڳالهين جي جاءِ تي ڌمڪي آڻي ٿي.

۽ اهو ئي اهو مقام آهي، جتي شخصيت ۽ پاليسي هڪ ٻئي ۾ ملي وڃن ٿا.

ايران، اسرائيل ۽ آمريڪا وچ ۾ ڇڪتاڻ اڳ ئي پنهنجي عروج تي آهي. هرمز جي آبنائي، جتان دنيا جي وڏي حصي جو تيل گذري ٿو، ٻيهر عالمي ڌيان جو مرڪز بڻجي چڪي آهي.

اهڙي صورتحال ۾، هڪ آمريڪي اڳواڻ جو اهو چوڻ ته "اسان متاثر ناهيون"، ۽ پوءِ ساڳي وقت ڌمڪي ڏيڻ، هڪ گهري تضاد کي ظاهر ڪري ٿو.

جيڪڏهن اثر ناهي، ته پوءِ اها شدت ڇو؟

اهڙي جلدي ڇو؟ اهو لهجو ڇو؟

اهي سوال صرف سياسي ناهن، پر نفسياتي به آهن.

۽ شايد اهو ئي اهو نُڪتو آهي جتي اهو تڪراري ڪتاب ٻيهر اهم ٿي وڃي ٿو.

هن ڪتاب جي ليکڪن هڪ اهم ڳالهه ڪئي هئي:

هڪ اڳواڻ جي ذهني حالت رڳو ان تائين محدود نٿي رهي، پر سڄي سماج ۾ پکڙجي وڃي ٿي

جڏهن اڳواڻ ڪاوڙ ۾ ڳالهائي ٿو قوم به ڪاوڙ ۾ سوچڻ لڳي ٿي جڏهن اڳواڻ خطرو محسوس ڪري ٿو، دنيا غير محفوظ ٿي وڃي ٿي

اهو ئي اهو لمحو آهي، جتي لفظ هٿيار بڻجي وڃن ٿا.

۽ اڄ دنيا هڪ اهڙي دور ۾ داخل ٿي رهي آهي جتي جنگ رڳو ميدان ۾ نه، پر بيانئي ۾ به وڙهي پئي وڃي.

هڪ ٽوئيٽ، هڪ پوسٽ، هڪ جملو...

هاڻي پاليسي جيتري طاقتور ٿي چڪي آهي

ٽرمپ جو اهو بيان شايد حڪمت عملي هجي

شايد سياسي پيغام هجي يا شايد صرف هڪ انداز

پر هڪ ٻيو امڪان به آهي

ته اهو هڪ ذهن جي عڪاسي هجي

اهڙو ذهن جيڪو دنيا کي سادن خانن ۾ ڏسي ٿو:

دوست يا دشمن، فتح يا شڪست، کوليو... يا جهنم.

۽ اهو ئي اهو مقام آهي جتي تاريخ خبردار ڪري ٿي

هٽلر جو نالو هتي هڪ ياد ڏيارڻ طور اچي ٿو. سنڌس لفظ به شروعات ۾ رڳو جذباتي تقريرون سمجهيا ويا، پر آهستي آهستي اهي پاليسي بڻجي ويا ۽ تاريخ جو رخ بدلائي ڇڏيو.

تاريخ پاڻ کي ساڳي طرح ورجائي نه ٿي،

پر خبردار ضرور ڪري ٿي جڏهن لفظ حد کان وڌي وڃن،

ته انهن جا اثر به حدن ۾ نه رهندا آهن.

هي آرٽيڪل ڪنهن حتمي فيصلي جي دعويٰ نٿو ڪري.

نه ئي ڪو آخري نتيجو ڏئي ٿو.

هي صرف هڪ آئينو پيش ڪري ٿو

هڪ بيان جو، هڪ ڪتاب جو.

۽ هڪ اهڙي وقت جو، جتي دنيا ٻيهر سوال ڪري رهي آهي:

ڇا طاقت رڳو فيصلن ۾ هوندي آهي؟

يا لفظن ۾ به؟

۽ جيڪڏهن لفظن ۾ هوندي آهي...

ته هڪ جملو ڪيترو پري وڃي سگهي ٿو؟

شايد ان جو جواب اڃا باقي آهي

آر او پلانٽ غير فعال: عوام مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ لڳو!



نندلال لوهاڻو

ٿرپارڪر جهڙي ريگستاني ۽ خشڪ سالي علائقي ٿرپارڪر ۾ پيئڻ جي پاڻيءَ جهڙي سنگين مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ سنڌ حڪومت وڏي پيماني تي آر او پلانٽن جو اربين روپين جو منصوبو متعارف ڪرايو آهي ارباب غلام رحيم جي وڏ وزارت دوران ٿر ۾ پهريون پيرو آر او پلانٽ متعارف ڪرايا ويا هئا، جنهن جي تاريخ شاهد آهي جنهن بعد اڳوڻي صدارت دوران، موجوده صدرِ مملڪت آصف علي زرداري مٺي شهر ۾ ايشيا جي وڏي ۾ وڏي آر او پلانٽ جو افتتاح ڪيو هو شايد هتان جي عوام جي اها بدنصيبي آهي جو ڪجهه عرصو اهو آر او پلانٽ فعال هجڻ کان پوءِ اهو منصوبو ڪرپشن ۽ لاپرواهيءَ جي ور چڙهڻ جي ڪري هاڻي پڙپانگ بڻجي ويو آهي ٿرپارڪر ۾ آر او پلانٽ پروجيڪٽ عوام جي ڪم نه اچي سگهيو. هن وقت صورتحال اها وڃي بڻجي آهي جو اڌ کان به وڌيڪ پلانٽ بند پيل آهن ۽ ٿر واسي پيئڻ جي پاڻيءَ جي لاءِ ترسڻ لڳا آهن. ٿرپارڪر ضلعي ۾ سنڌ حڪومت پاران مٺي پاڻيءَ جي سهولت ميسر ڪرڻ لاءِ 5 ارب 40 ڪروڙ رپين جي لاڳت سان 7 سئو 50 آر او پلانٽ لڳايا ويا هئا. شروع ۾ منصوبي جو ٺيڪو پرائيويٽ ڪمپني (پاڪ اوسيئس) کي ڏنو ويو، جنهن پاران حڪومت پاران اعلانيل 7 سئو 50 پلانٽن بدران صرف 635 پلانٽ لڳايا ويا ۽ ڪمپنيءَ پاران دعويٰ ڪئي وئي ته انهن کي ايترن ئي پلانٽن جي بجيٽ رليز ٿي آهي. ڪمپني ڪجهه ڏينهن ڳوٺن توڙي شهرن جي پلانٽن کي فعال بڻائڻ جي دعويٰ ڪئي پر انهيءَ وقت ڪجهه پلانٽ فعال نه ٿيڻ جو شڪايتون پڻ منظرعام تي آيون هيون. ڪمپنيءَ پاران آر او پلانٽن تي ڪُل 7 سئو 74 ملازم پڻ ڀرتي ڪيا ويا هئا، جن کي پگهارون پڻ حڪومت پاران ملندڙ رقم جي بدران گهٽ رقم ڏني ويندي رهي آهي جڏهن ته ڪمپنيءَ پاران ملازمن جا هڪ سال کان وڌيڪ جا پگهارن جي رقم هڙپ ٿي وئي آهي. ان کانپوءِ ڪجهه سالن بعد اهو منصوبو هڪ ٻئي ڪمپني (اوسلو) کي ٺيڪي ۾ ڏنو ويو جنهن هڪ سال ۾ نه ئي ڪو ڪم ڪيو نه ئي آر او پلانٽن تي رکيل ملازمن کي پگهارون ڏنيون پبلڪ هيلٿ کاتي جي ڪل فعال پلانٽن مان چند آر او پلانٽ فعال آهن. جنهن ۾ اهي به اسڪيمون شامل آهن جيڪي هن تائين منصوبي کان اڳ ۽ الڳ لڳيون ۽ هن وقت هڪ سئو جي لڳ ڀڳ اسڪيمون فعال آهن باقي ڪاغذي ڪاروائين تائين محدود ٿي بند پيل آهن ۽ کاتو صرف فوٽو سيشن تائين محدود آهي تازو هن سال دوران 133 پلانٽن کي مڪمل فعال بڻايو ويو آهي مٺيءَ ۾ لڳل پلانٽ به مڪمل طور تي فعال ناهي ٿي سگهيو. ٻئي طرف پبلڪ هيلٿ کاتي ٿرپارڪر جي ايڪسئين صفدر شاهه جو موقف آهي ته 'پبلڪ هيلٿ ٿرپارڪر وٽ ڪُل 832 آر او پلانٽ آهن جن مان 157 فعال آهن ۽ روزانو جي بنياد تي خراب پيل آر او پلانٽن تي ڪم ڪري رهيا آهيون' هن چيو ته ايشيا جو وڏي ۾ وڏو آر او پلانٽ، جيڪو مٺيءَ ۾ قائم ڪيل آهي ۽ ٻيو نمبر وڏو آر او پلانٽ اسلام ڪوٽ ۾ آهي اهي ٻئي پلانٽ بلڪل فعال آهن ۽ تعلقي ڏيپلو ۾ 42 آر او پلانٽ آهن جيڪي سمورا فعال آهن هوڏانهن مٺي شهر جي ڳوٺ هريار جي رهواسين جو چوڻ آهي ته اسان جي پاڙي ۾ گذريل ڏهن سالن کان قائم ٿيل هڪ وڏو آر او پلانٽ غير فعال بڻيل آهي ۽ پيئڻ جي پاڻيءَ جي سهولت کان اڌ ڳوٺ محروم بڻيل آهي جنهن ڪري اسان جون عورتون پري پري جي کوهن مان پاڻي ڀرڻ تي مجبور بڻيل آهن. هنن مڪاني ڪاتي پبلڪ هيلٿ کاتي ۽ سنڌ حڪومت کان پرزور مطالبو ڪيو آهي ته آر او پلانٽ کي فوري طور تي فعال ڪيو وڃي

سنڌ ڌرتيءَ جو بهادر پٽ شهيد بشير خان قريشي!

عامر انصاري

هو جيڪو اتر سنڌ جي گرم هوائن جي علائقي رتوديرو سان تعلق رکندڙ سنڌ ڌرتيءَ جو ڀڳتو اُستت عاشق شهيد بشير خان قريشي هو جنهن جي مٿان تاريخ "وڏي ٿيڻ" جي پڳ رکي هئي. جيڪو سنڌ جي پڳ جو ڀرم رکندي ادب، نياز نوڙت ۽ بي لوث سان پنهنجو قد ڪاٺ وڌيڪ اوچو ڪري ڇڏيو آهي ان جي ڪري هن کي سنڌ جو هر ٻار، ٻچو عزت ۽ احترام سان وڏو جئي مخاطب ٿيندو هو. هو جيڪو لکين ماڻهن جي هجوم ۾ پري کان پنهنجي سادگي ۽ سچائيءَ سان سُڃاتو ويندو هو. شهيد بشير خان قريشيءَ کي سنڌ جو سپوت اُن ڪري سڏيو ويندو هو جو هو پنهنجي سنڌي قوم کي هڪ جهونجهار واڳر سنڀاليندو هو. اُنهن جي رهنمائي ڪندو ۽ اُنهن کي هڪ هنڌ گڏ رکڻ جي ڪوشش ڪندو هو. سنڌس ڪيترائي نوجوان اهڙين خوبين کي ڏسي قومي تحريڪ سان جڙيا ۽ پنهنجي حقن لاءِ آواز بلند ڪرڻ لڳا. سنڌس سياسي ۽ فڪري سفر جيئي سنڌ قومي محاذ (جسقم) نالي قومي تحريڪ سان جڙيل رهيو. جتي هن سنڌي قوم جي ترجماني ڪندي قومي تحريڪ ۾ نئون روح ڦوڪي هڪ نئون فڪري لاڙو پيدا ڪيو هو سائين جي ايم سيد جي نظرئي جو فڪري ۽ سچو وارث هو. جنهن سنڌ جي قومي سڃاڻپ کي هڪ نظرياتي بُنياد ڏنو پاڻ عدم تشدد جي واٽ تي هلندي سنڌي ماڻهن کي گڏ ڪئي هلڻ جي حامي پري هئي. شهيد بشير خان قريشي اُن فڪر کي جديد دور جي تقاضائن سان هم آهنگ ڪري پيرين پنڌ جهرجهنگ نڪري نوجوانن تائين سنڌ جو پيغام سائين جي ايم سيد جي روشني سنڌي ماڻهن تائين پهچايو. هُن سنڌي ماڻهن کي پنهنجي سڃاڻپ، ٻولي، ثقافت ۽ تاريخ سان محبت ڪرڻ جو درس ڏنو سنڌس نظر ۾ سنڌ صرف هڪ جاگرافيائي علائقو نه پر هڪ زنده تهذيب ۽ هڪ الڳ قوم هئي. هو ماڻهن کي گڏ رکندو هو. اُنهن کي حوصلا ڏيندو هو ۽ ڪين سنڌ حقن لاءِ جدوجهد ڪرڻ سيکاريندو هو اهڙي طرح شهيد بشير خان قريشي به سنڌي قوم ۾ شعور جي روشني ڦهلائڻ لاءِ پنهنجي زندگي وقف ڪري ڇڏي. هُن به ماڻهن کي صرف ٻڌڻ نه پر سوچڻ سيکاريو سنڌ جو سقراط هجڻ جو مطلب صرف علمي يا فلسفيائيون ڳالهين ڪرڻ نه آهي پر سچ جي راهه تي هلڻ پڻ آهي. پلي اُن لاءِ ڪيتري به تڪليف ڇو نه سهڻي پوي. هُن سنڌ ڌرتيءَ جي خاطر هر تڪليف کي مرڪندي مُنهن ڏنو ۽ هُن هر حال ۾ سچ جو ساٿ ڏنو. سنڌس شخصيت ۾ هڪ خاص ڳالهه اها به هئي ته هو پنهنجي سائين کي صرف پيروڪار نه بڻائيندو هو پر اُنهن کي سوچڻ جي آزادي ڏيندو هو. هو چاهيندو هو ته هر ماڻهو پاڻ فيصلو ڪري، پاڻ سمجهي ۽ پاڻ پنهنجي راهه چونڊي. اهو ئي حقيقي شعور آهي، جيڪو ڪنهن به قوم کي مضبوط بڻائي ٿو.

شهيد بشير خان قريشي سنڌ لاءِ استاد، قومي ۽ فڪري اڳواڻ هو هُن سيکاريو ته تعليم، شعور ۽ سچ سان محبت ئي اصل طاقت آهي. هُن نوجوانن کي جذباتي نعرا ڏيڻ بدران فڪري بُنيادن تي بيهڻ جي تلقين ڪئي. سنڌس جدوجهد ۾ امن محبت ۽ انسانيت جو پيغام نمايان هو. هو نفرت جي سياست کان پري رهيو ۽ هميشه ڀائيچاري ۽ اتحاد جي ڳالهه ڪئي. سنڌس نظر ۾ سنڌ جي آزادي صرف سياسي مسئلو نه پر هڪ اخلاقي ۽ فڪري سوال به هو. هو سنڌ کي صرف ڌرتي نه سمجهندو هو پر پنهنجي روح جو حصو سمجهندو هو. سنڌس لفظن ۾ سوز هوندو هو. هڪ اڻٽڪيل درد هوندو هو پر هر عشق جيان، هُن عشق ۾ به امتحان هئا. شهيد بشير خان قريشيءَ جي زندگي تڪليفن سان ڀريل هئي. ڪيس بار بار روڪيو ويو. دٻايو ويو. سنڌس آواز کي خاموش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. ڪيس جيلن جون اونداهيون ڏسڻيون پيون، روپوشيءَ واري زندگي گذارڻي پئي. اڪيلائيءَ جا لمحا پوڳڻا پيا. هو سنڌ ڌرتيءَ سان ٿيندڙ نانصافين لاءِ اُٿي کڙو ٿي بيهندو هو. هُن جي سموري جدوجهد جو نالو هئي. هو ڪراچيءَ کان ڪيٽي بندر، ڪارونجهر کان ڪشمور تائين سنڌ جي هر ڪنڊ ڪڙڇ، واهڻ، وستي ۽ شهر ۾ هُن پنهنجي رهبر سنڌ سائين جي ايم سيد جي فڪر جي پرچار ڪئي. هو رڳو مسافر نه پر ماڻهن ۾ اُميد، سُڃاڳي ۽ جدوجهد پيدا ڪندڙ لکين دلين جو ترجمان هو. هو سنڌ سان ٿيندڙ ظلم ۽ ناانصافين جي خلاف هر مسئلي تي سنڌس آواز بُلند ڪندو رهيو. سنڌ ۾ ڌارين جي آبادڪاري، آدمشماري، سنڌ جي وسيلن جهڙوڪ: ڪوئلو، تيل، گيس نوڪريون ۽ شهرن تي ڌارين ماڻهن جو قبضو هجي ته هو هر محاذ تي بي خوف بيٺو سنڌو درياهه تي ٺهڻ بيٺن جي نيلامي ۽ ٻين سنڌ دشمن منصوبن جي خلاف به هُن ڀرپور جدوجهد ڪئي. جڏهن سنڌ اندر جڏهن قبيلائي جهيڙا ٿيندا هئا ۽ ماڻهو هڪ ٻئي جي رَتَ جا پياسا بڻجي ويندا هئا، تڏهن هو امن جو سفير بڻجي ميدان ۾ لهندو هو. هو ماڻهن کي پرچائڻ لاءِ نياڻيون وٺي ميڙ منٿ ڪري قبيلائي جهيڙن جي نفرتن کي ختم ڪرڻ ۽ محبت جو پيغام عام ڪرڻ لاءِ سڀ کان اڳڀرو رهندو هو. 7 اپريل 2012ع واري اڀاڳي رات جو سنڌ جو هيءُ ارڏو پٽ شهيد بشير خان قريشي اسان کان هميشه لاءِ وڇڙي ويو

لطيفي لات —— شاهه عبداللطيف ڀٽائي

گهڙو ڀڳو تہ گهورئو، ڀاڻان هوءِ حِجابُ،
واڄٽ وڄي وجُودَ ۾، رهيو روحُ رَبابُ،
ساهڙَ رِيءِ ثوابُ، آئون گهٽو ئي گهوريان.

ڀاڻان = هيڪاري، مورڳو، رهندو، اٿلندو، هروڀرو / هوءِ = ٿئي، هيو / حجاب = رنڊڪ، رختو / واڄٽ = وڄڻ جا آواز آنڌ مانڌ / وجود = اندر، دل، من / روح = دل ۾، ذهن ۾ / رباب = طنبوري جهڙو هڪ ساز / ثواب = نيڪي يا چڱائيءَ جو اجر يا اجورو / گهوريان = قربان ڪيان، ٻن وجهان، ڪڏ ۾ هڻان..

گهڙي ڀڄڻ يا ڀڃڻ جو سهڻي (طالب) کي ڪو ارمان، ڪو ڏک ڪونهي، هوءَ ان کي نہ اجايو رنڊڪ ۽ سيڙائڻ پئي سمجهي، جو نہ سنڌس اندر ۾ پيار سڪ، اڪير جا واڄا ٿي وڄيا، دل و دماغ ۾ ميهار جو آواز ان کي رباب جي مٺڙن ۽ مڌرسُرن ۽ آوازن جيان ٻُريو پي. ڪيس پنهنجي محبوب ساهڙ کانسواءِ ڪنهن اجر يا چڱائيءَ جي نہ ئي ڪا گهُرج هئي نہ ئي ڪاڻ آهي سڀ ڪارڻ هن ساهڙ تان قربان ڪري ڇڏيا. اهو آهي پنهنجي مقصد سان لڳاءُ. ان تي ڪا بہ سودي بازي يا مصلحت پسندي نہ ڪرڻ ارادي جي پختگي ۽ سچائيءَ جو درس جو لطيف سائين اسان کي ڏئي ٿو.

(تحقيق ۽ ترتيب : شاهنواز راڄپر)

اجوڪو ڏينهن - 07 اپريل

اينيمري شمل

اڄ تصوف جي جڳ مشهور ماهر ۽ شاهه جي شاعريءَ تي علمي سطح جي تحقيق ڪندڙ اسڪالر اينيمري شمل جي جنم جو ڏينهن آهي اسلام، تصوف ۽ صوفي ازم جي پارکو هن عظيم عورت جو جنم جرمنيءَ جي شهر ايرفورٽ (Erfurt) ۾ 7 اپريل 1922ع تي ٿيو جرمنيءَ جي برلن يونيورسٽيءَ ۾ تعليم حاصل ڪرڻ دوران هن شمس الدين تبريزي ۽ مولانا جلال الدين روميءَ جي شاعريءَ جو مطالعو ڪيو. 1941ع ۾ هن ڊاڪٽريٽ جي سند حاصل ڪئي 1946ع ۾ هوءَ جرمنيءَ جي ماربرگ يونيورسٽيءَ ۾ عربي ۽ اسلامڪ اسٽڊيز جي پروفيسر مقرر ٿي انهيءَ يونيورسٽيءَ مان هن 1954ع ۾ مذهبن جي تاريخ تي ڊاڪٽريٽ جي ٻي سند حاصل ڪئي 1957ع کان 1967ع تائين هن انقرہ يونيورسٽيءَ ۾ مذهبن جي تاريخ جي پروفيسر طور ڪم ڪيو ۽ ترڪي ٻوليءَ تي عبور حاصل ڪيو. 1967ع کان 1992ع تائين لاڳيتا 25 سال هن جڳ مشهور هارورڊ يونيورسٽيءَ ۾ پروفيسر طور ڪم ڪيو. 1980ع واري ڏهاڪي ۾ هوءَ مذهبن جي انسائيڪلوپيڊيا جي ايڊيٽوريل بورڊ جي ميمبر رهي 1992ع ۾ هارورڊ يونيورسٽيءَ مان رٽائر ٿيڻ بعد هن جرمنيءَ جي بون يونيورسٽيءَ ۾ پروفيسر ايميريٽس طور ڪم ڪيو اينيمري شمل صوفي ازم اسلامي ڪلاسيڪي شاعري ۽ اسلامي لوڪ ادب جي وڏي ڄاڻو هئي هن ابهالاج، حافظ، رومي، شاهه عبداللطيف ڀٽائي علامه اقبال ۽ اسلامي دنيا جي ٻين ڪيترن ئي شاعرن جي شاعريءَ ۽ پيغام جو ڳوڙهو اڀياس ڪيو هن کي عربي فارسي اردوءَ سنڌي ٻوليءَ سميت دنيا جي 25 وڌيڪ ٻولين جي ڄاڻ هئي هن 105 ڪتاب لکيا، جن ۾ مختلف ٻولين مان ترجمو ٿيل ڪتاب به شامل آهن. اينيمري شمل حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي شاعريءَ جو ڪجهه حصو جرمن ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيو هن 25 آڪٽوبر 1982ع تي گوئٽي انسٽيٽيوٽ ڪراچيءَ ۾ مڪليءَ جي تڪريءَ بابت هڪ تفصيلي ليڪچر ڏنو اهو ليڪچر بعد ۾ ڪتابي صورت ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو ڊاڪٽر نواز علي شوق انهيءَ جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو جيڪو سنڌي ادبي بورڊ پاران ڇپائي پڌرو ڪيو ويو هن عبدالرحيم گرهوڙيءَ جي شاعري ۽ ديني ڪتابن جو به اڀياس ڪيو هن خواجه مير درد ۽ پلاڙي پٽ ڌڻيءَ جي صوفياڻي شاعري ۽ موضوعن جي پيٽ ڪندي هڪ ڪتاب Pain and Grace لکيو. جنهن ۾ استعاري طور هن لفظ Pain مير درد لاءِ ۽ Grace ڀٽائيءَ لاءِ استعمال ڪيو آهي هن سنڌي ادب ۽ سنڌي صوفي شاعريءَ تي ڪيترائي مقالا لکيا هن عظيم عورت 26 جنوري 2003ع تي هن دنيا مان موڪلايو هن وصيت ڪئي هئي ته وفات کان پوءِ ڪيس مڪليءَ جي قبرستان ۾ پير حسام الدين شاهه راشديءَ جي آخري آرامگاهه جي پر ۾ دفن ڪيو وڃي افسوس جو سنڌس اها خواهش پوري نه ڪئي وئي ۽ ڪيس جرمنيءَ ۾ دفنايو ويو. البت پير حسام الدين راشديءَ جي مزار پرسان اينيمري شمل جي علامتي قبر جي هڪ تختي آويزان ڪئي وئي آهي

نبي بخش قاضي

اڄ نامور عالم ۽ دانشور نبي بخش قاضيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي سنڌس جنم جي تاريخ تي ٿورو اختلاف آهي ڊاڪٽر...

پي ايڇ ڊي جي سند حاصل ڪيائين هن پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات شڪارپور جي مشهور سي ايند ايس ڪاليج ۾ فارسي پڙهائڻ سان ڪئي ان بعد سنڌ مدرسته الاسلام هاءِ اسڪول ڪراچي بهاءُ الدين ڪاليج جهوناڳڙهه اين جي وي هاءِ اسڪول ايس ايم ڪاليج ڪراچي ۽ گورنمينٽ ڪاليج حيدرآباد ۾ پڙهايائين 1953ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي فارسي شعبي ۾ ريڊر ۽ چيئرمين مقرر ٿيو 1970ع ۾ ڪيس سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جو چيئرمين بڻايو ويو ۽ ان بعد ڪجهه عرصي تائين ايڊيشنل سيڪريٽري تعليم جي عهدي تي ڪم ڪيائين 1974ع کان 1978ع تائين پاڪستان سرڪار پاران ايران ۾ خدمتون سرانجام ڏنائين ان بعد 1993ع تائين ايران ۾ قائم پاڪستان اسڪول ۽ ڪاليج جو پرنسپال رهيو 1995ع ۾ ٿوري عرصي لاءِ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جو چيئرمين پڻ رهيو عمر جي آخري حصي ۾ جرمنيءَ هليو ويو، جتي 29 جون 2015ع تي وفات ڪيائين قاضي صاحب هڪ وڏو عالم ۽ اديب هو. هن لکڻ جي شروعات 1950ع ڌاري ڪئي هن ڪيترائي تحقيقي مقالا ۽ ڪتاب لکيا.

ولي ڏائودپوٽو

شڪارپور سان واسطو رکندڙ هن نامور شاعر جو جنم اجوڪي ڏينهن تي 1924ع ۾ ٿيو هن ابتدائي تعليم شڪارپور مان حاصل ڪئي ۽ مئٽرڪ جو امتحان سکر مان پاس ڪيو هن جو تنديڻ ڪافي غربت ۾ گذريو اڳتي هلي شڪارپور ۾ سونارڪو دڪان ڪوليائين جنهن ڪيس مالي طور تي چڱو مستحڪم ڪيو هو پنهنجي دور جو هڪ قادر الڪلام شاعر هو سنڌس شاعري تماهي مهراڻ ۽ ڪجهه ٻين رسالن جي پنن تي پيل آهي افسوس جو سنڌس ڪلام جو ڪو مجموعو ڇپجي نه سگهيو آهي هن 20 جولاءِ 1979ع تي وفات ڪئي

آغا سليم

اڄ سنڌ جي برک اديب ۽ براڊڪاسٽر آغا سليم جي جنم جو ڏينهن آهي هو 7 اپريل 1935ع تي شڪارپور ۾ ڄائو سنڌس پورو نالو آغا خالد سليم ولد آغا عبدالڪريم هو. هن پرائمري تعليم شڪارپور مان حاصل ڪئي ان بعد گورنمينٽ ڪاليج حيدرآباد مان وڌيڪ تعليم حاصل ڪري گريجوئيٽ ٿيو هو پنهنجي عمر جو گهڻو حصو ريڊيو پاڪستان سان لاڳاپيل رهيو، جتان اسٽيشن ڊائريڪٽر طور رٽائر ڪيائين. آغا سليم لکڻ جي شروعات شاگرديءَ واري زماني کان ڪئي سنڌس پهرين ڪهاڻي "آهه اي ظالم سماج" 1958ع ڌاري شايع ٿي هن جو پهريون ناول "اونداهي ڌرتي روشن هٿ" 1972ع ۾ ڇپيو جنهن ادبي دنيا ۾ وڏي مقبوليت ماڻي هن شاهه جي رسالي جو اردو ۽ انگريزيءَ ۾ پڻ منظوم ترجمو ڪيو. سنڌس ٻين ادبي ڪاوشن ۾ روشنيءَ جي تلاش (ناوليٽ)، چنڊ جا تمنائي (ڪهاڻيون)، لذت گناهه (ڪهاڻيون)، درد جو شهر (ڪهاڻيون)، ڌرتي روشن آهي (افسانا)، اڌورو انسان (ناول)، پن ڇڻ ۽ چنڊ (شاعري)، همر اوسٽ (ناول) ۽ ٻيا سنڌي، اردو ۽ انگريزي...

مير عبدالرسول مير

مختيار انڙ

اڄ مشهور شاعر مير عبدالرسول مير جي جنم جو ڏينهن آهي هو 7 اپريل 1950ع تي تعلقي گمبٽ ضلعي خيرپور ميرس جي ڳوٺ مهر علي خان ٽالپر ۾ ڄائو سنڌ يونيورسٽيءَ مان ماسٽر ڊگري حاصل ڪرڻ کان پوءِ تعليم کاتي ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو ۽ پرنسپال طور رٽائر ٿيو هن کي تنديڻ کان ئي شاعريءَ جو شوق هو

مخدوم طالب المولٰي جي شاعريءَ کان خاص متاثر هو سنڌس ڪيترائي ڪلام سنڌ جي مشهور راڳيين ڳايا آهن جن مان اڪثر ريڊيو پاڪستان تي رڪارڊ ڪيا ويا. سنڌس شاعريءَ جو مجموعو "سونهن ورونهن" ڇپجي چڪو آهي هن 19 ڊسمبر 2019ع تي وفات ڪئي

امر جمالي

هن مشهور تعليمي ماهر ۽ برک اديب جو جنم اجوڪي ڏينهن تي 1956ع ۾ ڏيپلي ۾ ٿيو سنڌس ڄڻيءَ جو نالو محمد جمن ولد سڪيلتو خان جمالي هو هن بي ايڊ ۽ ايم اي جون سندون حاصل ڪيون عملي زندگيءَ جي شروعات جونيئر اسڪول ٽيچر طور 1975ع ۾ ڪيائين. 1992ع ۾ هاءِ اسڪول ٽيچر مقرر ٿيو 1993ع ۾ ڪميشن جو امتحان پاس ڪري ليڪچرار مقرر ٿيو، اڳتي هلي اسسٽنٽ پروفيسر جو عهدو ماڻيائين هن 1978ع ۾ ادبي ڪيتر ۾ پير پاتو سنڌس ڪهاڻيون مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ شايع ٿيون ۽ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان پڻ نشر ٿيون هو هڪ سرموڙ شاعر، ڪمپيئر، اداڪار ۽ هدايتڪار هو هن سنڌ جي تاريخ ۽ ٻين موضوعن تي شاندار مضمون لکيا. شاعريءَ ۾ وڻندڙ بيت، غزل، وايون، گيت، نظم ۽ نثري نظم لکيائين سنڌ جي هن گهڻ رخي شخصيت 11 جولاءِ 2020ع تي هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪيو.

رفيق عيساڻي

اڄ مشهور اداڪار، پروڊيوسر ۽ ڊائريڪٽر رفيق عيساڻيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي هن 7 اپريل 1966ع تي سجاول ضلعي جي شهر دڙي ۾ محمد يوسف عيساڻيءَ جي گهر ۾ جنم ورتو فني سفر جي شروعات اسٽيج ڊرامن سان ڪيائين سنڌس پهريون اسٽيج ڊرامو "واسينگ جو وير" هو 1998ع تي پاڪستان ٽيليويزن تي متعارف ٿيو هن ريڊيو ۽ ٽيليويزن جي بيشمار ڊرامن ۾ اداڪاريءَ جا جوهر ڏيکاريا آهن هن اسٽيج ڊرامن ۾ ڊائريڪٽر ۽ پروڊيوسر طور به خدمتون سرانجام ڏنيون هن پنهنجي ڪجهه همخيال دوستن سان ملي پٽائي آرٽس ڪائونسل جو بنياد وڌو انهيءَ ڪائونسل پاران ڪيترائي ادبي، ثقافتي ۽ سماجي پروگرام منعقد ڪيا ويا آهن

ڪئي ۽ اڄڪلهه ڪراچيءَ ۾ رهائش پذير آهي فهميدا شرف جي شاعريءَ کي ادبي حلقن ۾ چڱو ساراهيو ويو آهي سنڌس شاعريءَ جو مجموعو "الماس راتيون اداس رستا" 2016ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو.

محمد يعقوب جليس هالائي

اڄ مشهور اديب محمد يعقوب ابڙي جي جنم جو ڏينهن آهي هن کي ادبي دنيا ۾ جليس ابڙو ڪوٺيو وڃي ٿو هن جو جنم 12 سيپٽمبر 1912ع تي هالا ۾ ٿيو ابتدائي تعليم هالا مان حاصل ڪيائين ۽ مئٽرڪ جو امتحان سنڌ مدرسته الاسلام هاءِ اسڪول ڪراچيءَ مان پاس ڪيائين روينيو کاتي ۾ نوڪريءَ سان عملي زندگيءَ جي شروعات ڪيائين اڳتي هلي مختيارڪار مقرر ٿيو هو هڪ ديندار شخص هو سنڌس شاعريءَ ۽ نثر جو موضوع گهڻو ڪري دين ۽ اسلامي تصوف رهيو. هن جو هڪ ڪتاب "اسان جو قرآن" 1953ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو 7 اپريل 1989ع تي هن جو لاڏاڻو ٿيو

محمد خان مجيدي

اجوڪو ڏينهن سنڌ جي عظيم قومي شاعر محمد خان مجيديءَ جي وڇوڙي جو ڏينهن آهي سنڌ جي هن انمول شاعر 5 جنوري 1918ع تي جهوڪ شريف تعلقي ميرپور بٺوري جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ شاهمان جتوئيءَ ۾ اکيون کوليون سنڌس والد قيصر جتوئي جهوڪ شريف جي درگاهه جو هڪ هاري هو ننڍڙي محمد خان ڳوٺ جي ٻئين ۾ پڪريون چاريندي 1932ع ۾ سنڌي فائنل جو امتحان پهرئين نمبر ۾ پاس ڪيو ۽ 1934ع ۾ پرائمري استاد بڻجي قوم جي نونهالن جي علم جي اڄ اجهائڻ شروع ڪئي پاڻ هڪ ساک وارو محنتي استاد هو ۽ سڄي عمر ٻارڙن کي سلجهه ۽ سڄاڳيءَ جا سبق ڏيندي 1976ع ۾ سجاول مان رٽائر ٿيو محمد خان مجيديءَ شاعريءَ جي شروعات تڏهن ڪئي جڏهن هو اڃا اسڪول ۾ پڙهندو هو پهريون شعر 1937ع ۾ لکيائين جيڪو 1938ع ۾ الوحيد اخبار ۾ ڇپيو شروع ۾ ايم جتوئيءَ جي تلي سان شاعري ڪندو هو پر 1950ع کان مجيدي تخلص اختيار ڪيائين سنڌس شاعريءَ جو پهريون ڪتاب "سنڌڙي" ۽ ان جون قومون" 1962ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو انهيءَ ڪتاب ۾ سنڌ جي ذاتين جي تلي سان 96 بندن تي مشتمل سنڌس هڪ ڊگهو نظم شامل آهي 2000ع ۾ سنڌس شاعريءَ جو ٻيو ڪتاب "مٽي منهنجي مٽي" شايع ٿيو سنڌ جو هيءُ قومي شاعر 7 اپريل 2003ع تي اسان کان وڇڙي ويو.

دين محمد شيخ



دين محمد شيخ ريڊيو ٽيليويزن ۽ فلم جو مشهور گلوڪار هو هن جو جنم 5 جنوري 1941ع تي تعلقي شهدادپور ضلعي سانگهڙ جي ڳوٺ جادم مگرئي ۾ ٿيو هن مئٽرڪ تائين تعليم ننڍي آدم مان حاصل ڪئي، جڏهن ته ٻارهين ڪلاس ۽ بي اي جا امتحان سچل سرمست آرٽس ڪاليج حيدرآباد مان پاس ڪيائين ان بعد ليبر کاتي ۾ نوڪري ڪيائين. ڳائڻ جو شوق ننڍي هوندي کان ئي هئس. 1959ع ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي ڳائڻ شروع ڪيائين هن...

"CLASSIFIED ADVERTISMENT"

Oil & Gas Development Company Limited

ogdcl the energy

INVITATION TO E-BIDS

THROUGH SAP ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through SAP-Ariba Discovery for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules:

SR #	TENDER NO	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDCL-SCM-SERVICES-CB-PnP-60-3843-318174598-2026	SERVICES FOR REPAIR / REFURBISHMENT BALL VALVES	23.04.2026 AT 1030 Hrs
2.	OGDCL-SCM-SERVICES-CB-EXPL-317959995-2026	SERVICE UNITS FOR SINJHORO-3D PROJECT	23.04.2026 AT 1030 Hrs
3.	OGDCL-SCM-SERVICES-CB-DO-317843790-2026	INTEGRATED WELL SERVICES FOR HAKEEM DAHO-4	23.04.2026 AT 1030 Hrs
4.	OGDCL-SCM-SERVICES-CB-EXPL-317978775-2026	VEHICLES FOR SINJHORO-3D PROJECT	27.04.2026 AT 1030 Hrs
5.	OGDCL-SCM-SERVICES-CB-EXPL-318079640-2026	1D MEM STUDY KHUZDAR NORTH X-01 WELL	28.04.2026 AT 1030 Hrs
6.	OGDCL-SCM-FC-CB-DO-RM-316993556-2026	PROCUREMENT OF HIGH PRESSURE MUD SYSTEM	11.05.2026 AT 1100 Hrs
7.	OGDCL-SCM-FC-CB-PNP-KPD-317510070-2026	PROCUREMENT OF ELECTRO DE-IONIZATION STACK (EDI)	12.05.2026 AT 1100 Hrs

EXTENSION NOTICE

BID CLOSING & OPENING DATE

2. Reference our Tender Notice(s) published in newspapers on **05.03.2026** and **18.03.2026,** it is notified that the bid submission/opening dates of the following cases are extended as follows:

SR #	TENDER NO	DESCRIPTION	REVISED CLOSING DATE & TIME
1.	OGDCL-SCM-LC-PT-PNP-WTC-315230291-2026	WATER TREATMENT CHEMICALS	13.04.2026 AT 1130 Hrs
2.	OGDCL-SCM-SERVICES-CB-PnP-60-3702-315096690-2026	OVERHAULING, INSTALLATION & COMMISSIONING OF GAS TURBINE, DT71P3.01 (OEM: ZORYA MASHPROEKT, UA)	22.04.2026 AT 1030 Hrs

3. Bidders who have already submitted/sent their proposals (bids) may take them back and re-submit the same before the revised closing date and time mentioned above.
4. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date/ time.
5. Tender Notice/ detailed instructions are available on PPRA website at **www.ppra.org.pk.**
6. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at **https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders** or **https://discovery.ariba.com/profile/AN01562899621** for details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.
7. OGDCL reserves the right to accept or reject any bid and to annul the bidding process and reject all the bids as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) Rule-33.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDCL Headquarters, Plot 03, F-6/G-6, Jinnah Avenue,
Blue Area Islamabad-Pakistan
Tel: +92 (51) 920023652/3780

ogdcl.com
No.151/29

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION — WE EXPLORE PROSPERITY

ڊائريڪٽوريٽ جنرل
ايڪسائيز اينڊ ٽيڪسيشن ونگ سنڌ ڪراچي

فون نمبر: 99250924، اي ميل آءِ ڊي: dgexcise@excise.gos.pk
بنگلو نمبر D-46 بلاڪ-1، ويجهو التمش جنرل اسپتال، ڪلفٽن، ڪراچي.

No. DG-2(3)Acctt-2026/Procurement/2245 — بدعنوانيءَ کان پاڪ — Karachi Dated: 06 April 2026

(NIT) ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس

1. ڊائريڪٽر جنرل (ايڪسائيز اينڊ ٽيڪسيشن ونگ) سنڌ ڪراچي، سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ رولز 2010 (ترميم ٿيل 2017) جي رول نمبر 46(2) تحت اسٽينڊرڊ واڪ دستاويز (SBD) ۾ بيان ڪيل اهليت جي معيار مطابق وردين ۽ حفاظتي لباس جي فراهميءَ لاءِ دلچسپي رکندڙ وينڊرز/سپلائيرز/ٺيڪيدارن کان مهربند آڇون گهرائي ٿو.
2. شين جا مڪمل تفصيل، وضاحت ۽ ٻيون تمام گهرجون اسٽينڊرڊ واڪ دستاويز (SBD) ۾ ڏنيون ويون آهن. چونڊ لاءِ "هڪ مرحلي تي ٻه لفافي" طريقو اختيار ڪيو ويندو. واڪ ڏيندڙ هڪ واحد پيڪيج جمع ڪرائيندو جنهن ۾ ٻه (02) الڳ مهر ٿيل لفافا هوندا. هڪ لفافي ۾ ٽيڪنيڪل پروپوزل هوندو ۽ ٻئي لفافي ۾ فنانشل پروپوزل هوندو. ٻنهي تي ٽينڊر انڪوائري نمبر DG-2(3)Acctt-2026/Procurement لکيل هجي.
3. ٽيڪنيڪل پروپوزل ۾ اهليت جو معيار شامل آهي: (i) فرم /ڪمپني جو نالو، پتو، ٽيليفون نمبر، فيڪس نمبر ۽ اي ميل ايڊريس (ii) FBR کان جاري ٿيل صحيح NTN رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ FBR (iii) کان جاري ٿيل صحيح GST رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ (iv) SRB کان جاري ٿيل صحيح SST رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ (جتي ضروري هجي) (v) گذريل (3) سالن جو لاڳاپيل تجربو (vi) اسٽام پيپر تي حلف نامو ته فرم ڪنهن به لٽيگيشن (قانوني ڪارروائي) ۾ ملوث ناهي ۽ ڪنهن به کاتي ۾ ڪم اڌ ۾ ناهي ڇڏيو (vii) ڪمپني پروفائل جنهن ۾ شامل هجي: (i) گذريل 3 سالن جي آڊٽ ڪاپي جيڪا گورنمينٽ فنانشل انسٽيٽيوشن جي مجيل چارٽرڊ اڪائونٽنٽ کان تصديق ٿيل هجي (ii) گذريل 3 سالن جو بئنڪ اسٽيٽمينٽ ۽ فرم جي مضبوطي ۽ مهارت بابت دستاويزي ثبوت (iii) گذريل 3 سالن جا انڪم ٽيڪس رٽرن (iv) (گذريل ٽي سال) ساليانو ٽرن اوور
4. ڪورا ٽينڊر فارم / اسٽينڊرڊ واڪ دستاويز (SBD) جو مڪمل سيٽ دلچسپي رکندڙ واڪ ڏيندڙ اشاعت جي تاريخ کان 27 اپريل 2026 صبح 11:00 وڳي تائين حاصل ڪري سگهجن ٿا. هي ڊائريڪٽوريٽ جنرل (ايڪسائيز اينڊ ٽيڪسيشن ونگ) سنڌ، بنگلو نمبر D-46، ويجهو التمش جنرل اسپتال بلاڪ_1، ڪلفٽن، ڪراچي تان NTN / GST / SST سرٽيفڪيٽن سان گڏ لکيل درخواست ۽ -/5000 روپيا في (ناقابل واپسي) جيڪا ڊيمانڊ ڊرافٽ يا پي آرڊر جي صورت ۾ ڊائريڪٽر جنرل (ايڪسائيز اينڊ ٽيڪسيشن ونگ) جي حق ۾ هجي، جمع ڪرائي حاصل ڪري سگهجي ٿو يا ويب سائيٽ www.excise.gos.pk ۽ SPPRA https://portalsindh.eprocure.gov.pk تان ڊائون لوڊ ڪري سگهجي ٿو
5. مهربند آڇون مٿي ڏنل آفيس ۾ 27 اپريل 2026 تي منجهند 01:00 وڳي تائين يا ان کان اڳ پهچڻ گهرجن. آڇ سان گڏ آڇ جي ڪل قيمت جو پنج (5) سيڪڙو بڊ سيڪيورٽي / سوئي رقم بطور ڊائريڪٽر جنرل (ايڪسائيز اينڊ ٽيڪسيشن ونگ) سنڌ ڪراچي جي نالي هجڻ لازمي آهي.
6. آچون پرچيز ڪميٽي پاران واڪ ڏيندڙن يا انهن جي مجاز نمائندن جي موجودگيءَ ۾ 27 اپريل 2026 تي منجهند 02:00 وڳي ڊائريڪٽوريٽ جنرل (ايڪسائيز اينڊ ٽيڪسيشن ونگ) جي آفيس، بنگلو نمبر D-46، ويجهو التمش جنرل اسپتال بلاڪ_1، ڪلفٽن، ڪراچي ۾ کوليون وينديون.
7. موڪل جي صورت ۾، آچون ايندڙ ڪاروباري ڏينهن تي منجهند 01:00 وڳي تائين حاصل/جمع ڪرائي سگهبيون ۽ ساڳئي ڏينهن منجهند 02:00 وڳي کوليون وينديون.
8. ايڪسائيز، ٽيڪسيشن اينڊ نارڪوٽڪس ڪنٽرول ڊپارٽمينٽ، حڪومت سنڌ، سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ اٿارٽي جي رول نمبر 25 تحت، آڇ يا پروپوزل قبول ڪرڻ کان اڳ ڪنهن به وقت بڊنگ جي عمل کي رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿي. هيٺين شرطن جي تحت آچون رد ڪيون وينديون:
   - مشروط ۽ ٽيليگرافڪ آچون/ٽينڊر.
   - آچون جن سان گڏ گهربل رقم ۽ فارميٽ جي بڊ سيڪيورٽي شامل نه هجي.
   - مقرر ٿيل تاريخ ۽ وقت کان پوءِ وصول ٿيل آچون.
   - بليڪ لسٽ ٿيل فرمون.
9. آچون جمع ڪرائڻ واري تاريخ کان 60 ڏينهن تائين ڪارآمد رهنديون. ايڪسائيز، ٽيڪسيشن اينڊ نارڪوٽڪس ڪنٽرول ڊپارٽمينٽ آڇ ڏيندڙ فرم پاران ڪيل ڪنهن به قيمت يا خرچ جو ذميوار نه هوندو

(شبانه پرويز)
ڊائريڪٽر (ADMN/MVR)، ڪراچي /
چيئرمين پروڪيورمينٽ ڪميٽي
ايڪسائيز اينڊ ٽيڪسيشن ونگ
سنڌ ڪراچي

I WORK FOR SINDH — A JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT — www.iwork4sindh.com

INF/KRY/1343/2026

ڪنڊڪوٽ لڳ ٻنگوار برادري ۾ پراڻو تڪرار ٻيهر ڀڙڪي اٿيو، هڪ ڄڻو قتل، هڪ زخمي

گبلو ٿاڻي جي حد ۾ هٿياربندن جي فائرنگ ۾ نوجوان پرويز احمد ٻنگوار مارجي ويو سندس پيءُ زخمي ٿي پيو

پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش ۽ زخمي کي اسپتال منتقل ڪري لاش پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيو

واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو نه جوابدار گرفتار ٿيا، ڌريون مورچابند ٿيڻ سبب خونريزي وڌڻ جو خدشو

ڪنڊڪوٽ (ڊ ر) ڪنڊڪوٽ لڳ گبلو ٿاڻي جي حد ۾ ٻنگوار برادري جي ٻن ڌرين ۾ پراڻو تڪرار ٻيهر ڀڙڪي اٿيو جديد هٿيارن جا منهن کولي ڇڏيا فائرنگ ڪري ڏني جنهن جي نتيجي ۾ گولين لڳڻ
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

ڪنڊڪوٽ:

حيدرآباد ۾ سيري واسين جو پوليس جي زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو

مظاهرين عنايت چلگري، زمان جاويد ۽ ٻين ايس ايس پي آفيس آڏو احتجاج ڪيو

منشيات ۽ جوا خلاف آواز اٿارڻ تي پوليس فياض بلوچ تي ڪوڙو ڪيس داخل ڪيو آهي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) سيري جي رهواسين نوجوان تي پوليس جي مبينا ملي ڀڳت سان ڪيس داخل ٿيڻ ۽ موٽمار ڌمڪيون ملڻ خلاف ڪالهه ايس ايس پي آفيس سامهون احتجاج ڪانيوءِ حيدرآباد پريس ڪلب سامهون عنايت چلگري، زمان چلگري، جاويد چلگري، سعود چلگري، شاهد چلگري ۽ بشير چلگري سميت ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. ان موقعي تي هنن چيو ته ۾ سيري ٿاڻي جي حدن اندر منشيات ۽ جوا خلاف آواز اٿارڻ تي نوجوان فياض بلوچ تي ڪوڙو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي جڏهن موٽمار ڌمڪيون ڏنيون پيون
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

جامشورو: پيٽرول جي قيمتن ۾ واڌ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ٺٽي واسڻ جو اڳوڻي مڙس جي زيادتين خلاف احتجاج، انصاف ۽ تحفظ جو مطالبو

ٺٽو (ڊ ر) ٺٽي شهر جي رهواسڻ مسمات مهرناز عباسي نيشنل پريس ڪلب ٺٽي ۾ دانهيندي چيو آهي ته مون کي منهنجي اڳوڻي مڙس مشتاق ڪرناٽي مان جان جو خطرو آهي جيڪو ڪنهن به وقت مون کي قتل ڪري سگهي ٿو هن چيو ته ڪجهه سال اڳ مشتاق ڪرناٽي مون کي طلاق ڏيئي ڇڏي هئي جنهن بعد به هو مون کي
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

خيرپور جي عدالت قتل جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي ڦاسي ۽ ڏنڊ جي سزا

شهدادپور ۾ ڪرناٽي جو گهرياتين سميت ٻالڪن جي زيادتين خلاف احتجاج، انصاف ۽ تحفظ جو مطالبو

اسلام آباد: بلديا عملو وفاقي راڄڌاني ۾ گٽر صفائي ڪري رهيو آهي

قاضي احمد ۽ ڀرپاسي ارڙي ٻي قابو موذي مرض ۾ معصوم ٻارڙو فوت

شاهنواز ائڙ ڪالوني ۾ هڪ سال جو ارشاد علي ملاح بيماري سبب فوت ٿي ويو

ٻينگر جو لاش ضروري ڪارروائي بعد گهر پهچڻ تي امڙ کي بيهوشي جا دورا

قاضي احمد (ن ع) قاضي احمد ۽ آس پاس علائقن ارڙي جا حاجيا جاري آهن شاهنواز ائڙ ڪالوني ۾ هڪ سال جو ارشاد علي ملاح ارڙي وگهي سبب فوت ٿي ويو ضروري ڪارروائي کان پوءِ لاش وارثن حوالي ڪيو ويو معصوم جو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو سندس امڙ کي بي هوشي جا دورا پوري گهر اندر روڄو راڙ مچي ويو

مورو ويجهو نوجوان زخمي حالت ۾ هٿ، پوليس ڪٿائي اسپتال منتقل ڪيو

ڊاڪٽرن طرفان زخمي نوجوان جي حالت ڳڻتي جوڳي ٻڌائي پئي وڃي

نوجوان نالو امان الله ٻڌائي پيو ۽ موبائل فون ۾ پوليس وردي سان تصوير ملي آهي

مورو (ن ع) مورو قومي شاهراهه چوٿين ميل وٽ نامعلوم زخمي حالت ۾ پيل نوجوان جي اطلاع تي مورو پوليس پهچي ڪيس ڪٿائي مورو اسپتال پهچايو جتي نوجوان جي سڃاڻپ نه ٿي سگهي آهي جڏهن ته زخمي ٿيل نوجوان جو نالو امان الله ٻڌايو پيو وڃي سندس جي موبائل فون ۾ پوليس وردي سان تصوير ملي آهي هي نوجوان مورو اسپتال ۾ علاج لاءِ داخل ڪيو ويو آهي جيڪو هن کي سڃاڻي واقفيت هجي ته سندس ويجهن عزيزن تائين اطلاع ڏئي ته اهي مورو اسپتال پهچي سگهن ڇاڪاڻ ته ڊاڪٽرن طرفان نوجوان جي حالت ڳڻتي
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار ويجهو پ پ اڳواڻ رئيس غلام قادر مري جي ڪيجهي جي تقريب

تقريب ۾ سهيل انور سيال، سردار غزن خان مري، علي حسن زرداري ۽ ٻين شرڪت ڪئي

مرحوم جي پوٽن اسماعيل خان مري، ڪانيو خان مري ۽ ٻين سان تعزيت جو سلسلو پڻ جاري

ٽنڊوالهيار (راجه ساجد خانزاده) شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي شيدائي صدر پاڪستان آصف علي زرداري جي ويجهي دوست پيپلز پارٽي جي سچي اڳواڻ رئيس غلام قادر مري جي وفات تي ڳوٺ دريا خان مري ۾ تيجهيو ٿي ڳڏيو سندس پاٽرن، اسماعيل خان مري، ڪانيو خان مري، پاڻيٽي محمد رمضان مري. شهداد خان مري پوهٽي دريا خان مري. غلام نبي مري. نور نبي مري ۽ ٻين طرفان ڪيجهي ۾ شرڪت ڪندي اهم شخصيتن شرڪت ڪري پورين سان تعزيت سان تعزيت ڪئي انهي سلسلي ۾ ڳڏريل ڏينهن
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار: صوبائي وزير ذوالفقار شاهه ۽ ٻيا غلام قادر مري جي ڪيجهي جي تقريب ۾ شريڪ آهن

تيل جي وڌندڙ اگهن خلاف آل سنڌ لائيرز ايڪشن ڪميٽي پاران حيدرآباد ۾ اهم ڪنوينشن

ڪنوينشن ۾ سنڌ جي مختلف هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشنن سميت ضلعي ۽ تعلقي جي وڪيلن شرڪت ڪئي

وڪيل برادري اڳ به عوامي مسئلن تي تحريڪون هلائيندي رهي آهي ۽ هاڻي به سڌرو ٻڌي ميدان تي لٿي آهي: مقرر

جيڪڏهن وفاقي حڪومت خميس تائين تيل جي اگهن ۾ گهٽتائي نه ڪئي ته ڌرڻي جو اعلان ڪيو ويندو

حيدرآباد (رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) تيل جي وڌندڙ اگهن خلاف آل سنڌ لائيرز ايڪشن ڪميٽي طرفان حيدرآباد هاءِ ڪورٽ جي آڊيٽوريم ۾ اهم ڪنوينشن منعقد ڪيو ويو جنهن جي ميزباني
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

جامشورو: ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ورسي جي موقعي تي سندس قبر تي دعا گهري پئي وڃي

هنگورجا لڳ روڊ حادثي ۾ زخمي ٿيل نوجوان گمس اسپتال ۾ زخمين جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو

هنگورجا (ن ع) چار ڏينهن اڳ رسول آباد قومي شاهراهه تي تيز رفتار ويگن جي ٽڪر ۾ زخمي ٿيل نوجوان ياسر ڏاهري گمس اسپتال ۾ زخمين جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو آهي فوتي نوجوان ياسر ڏاهري جو لاش هنگورجا پرسان ڳوٺ محمد سڪيل ڏاهري ۾ سندس گهر پهچڻ ته ڪهرام مچي ويو. روڊ حادثي جو ڪوبه ڪيس داخل نه ٿي سگهيو آهي

زخمي نوجوان اسپتال ڏانهن نيو پيو وڃي

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي 15 هين ورسي ملهائي وئي

سندس مزار تي حاضري ڀري گلن جي چادر چاڙهي وئي، ڀيٽا پيش

ڊاڪٽر بلوچ سنڌ جي علمي، ادبي ۽ تاريخي ورثي کي دنيا ۾ متعارف ڪرايو

جامشورو (ڊ ر) لطيف جي پارکو ناليواري ليکڪ، اديب، سنڌ يونيورسٽي جي اڳوڻي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي 15 هين ورسي ملهائي وئي، سندس مزار تي حاضري ڀري گلن جي چادر چاڙهي وئي ۽ سندس سار لاءِ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ... جامشورو ۾ سيمينار منعقد ڪيو ويو سندس شخصيت ۽ تخليقي ڪم بابت ويچاريو ويو. ورسي جي موقعي تي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي پٽ انجنيئر علي محمد بلوچ جي اڳواڻي ۾ سندس خاندان وارن محمد رفيق بلوچ عرض محمد بلوچ
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد ۾ اوقاف کاتي جي ڪچي ملازم جو نوڪري تان جبري نيڪالي خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) اوقاف کاتي سنڌ جي ڪچي ملازم محمد عمر نوڪري تان جبري نيڪالي خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاج ڪيو. هن چيو ته اوقاف کاتي حيدرآباد سرڪل جي پوسٽ سال 2017ع کان ڪچي ملازم طور ڪم ڪندو پيو اچان ان دوران مختلف وقتن تي نوڪري تان هٽايو ويو ۽ آخرڪار نوڪري تان برطرفي خلاف سنڌ هائي ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪرائي جنهن
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

ڏهرڪي ۾ ڊاڪٽر علي محمد جوڻي جي ٻلاجواز گمشدگي خلاف احتجاج

مظاهرين بلال ٽالپر، خوشحال ميگهواڙ، فيصل ٽالپر ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

ڊاڪٽر جي گمشدگي نه رڳو سنڌين نيشنل ڪانگريس پر سڄي سماج لاءِ تشويش جو سبب آهي

ڏهرڪي (ن ع) ڏهرڪي پريس ڪلب آڏو ڊاڪٽر علي محمد جوڻي جي ٻلاجواز گمشدگي خلاف احتجاج ڪيو ويو ڏهرڪي پريس ڪلب ۾ سنڌين نيشنل ڪانگريس جي ميمبرن حيدرآباد جي چيئرمين آرگنائيزر ڊاڪٽر علي محمد جوڻي جي زوري گمشدگي خلاف احتجاج رڪارڊ ڪرايو احتجاج ۾ سنڌين نيشنل ڪانگريس ڏهرڪي جي چيئرمين بلال ٽالپر خوشحال ميگهواڙ فيصل ٽالپر ۽ ٻين ميمبرن شرڪت ڪئي احتجاج دوران مقررن چيو ته ڊاڪٽر علي محمد جوڻي جو صرف اهو ڏوهه هو ته هو عوام ۽ پنهنجن دوستن
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

حڪومت جون معاشي پاليسين سبب محنت ڪش طبقو پوئتي وڃي رهيو آهي: اياز لطيف پليجو

ڊيزل ۽ پيٽرول جون قيمتون وڌڻ سان ٽرانسپورٽ ذريعي پهچندڙ هر شئي مهانگي ٿي وئي آهي

وفاق ۽ صوبائي حڪومتون روزانو ڪوڙ ڳالهائي عوام کي گمراهه ڪري ٽيڪسن جي بار هيٺ لتاڙي رهيون آهن

زرعي تباهي جي ڪري بي روزگاري ۽ بدحالي وڌي وئي آهي، جنهن جا ذميوار حڪمران آهن

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجي چيو آهي ته سنڌ ۾ لکين خاندان غربت جي لڪير کان هيٺ هليا ويا آهن حڪومت جون معاشي پاليسيون عوام دوست ناهن محنت ڪش طبقو ڏينهون ڏينهن پوئتي وڃي رهيو آهي تعليم، صحت، روينيو سميت هر کاتي کي ڦرلٽ جو مرڪز بڻايو
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

اسلام ڪوٽ ۾ مهانگائي خلاف قومي عوامي تحريڪ پاران احتجاجي مظاهرو

ڪارڪنن مرڪزي اڳواڻ زاهد گل اوٺو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

عوام کي روڄن تي اچي هنن ظالم حڪمرانن جو گهيراءُ ڪرڻو پوندو: مظاهرين

اسلام ڪوٽ (ن ع) اسلام ڪوٽ ۾ مهانگائي خلاف قومي عوامي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ زاهد گل اوٺو جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو انهي موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته نواز ليگ ۽ پ پ جي ملي ڀڳت سان حڪومت عوام تي مهانگائي جو بم ڪيرايو آهي عوام سخت تڪليف ۾ آهي هنن چيو ته جڏهن پي ٽي آءِ جي حڪومت هئي تڏهن پيپلا ڏرٽا هئا مهانگائي خلاف لانگ مارچ ڪندا پيا هئا اڄ هيڏي وڏي مهانگائي تي خاموش آهن انهن کي شرم اچڻ گهرجي عوام کي روڊن تي اچي هنن ظالم حڪمرانن جو گهيراءُ ڪرڻو پوندو

دوڙ پريس ڪلب جي چونڊجي آيل باڊي جي حلف وفاداري جي تقريب منعقد ڪئي وئي

دوڙ (ن ع) دوڙ پريس ڪلب دوڙ جي سال 2026 لاءِ چونڊجي آيل باڊي جي حلف وفاداري جي تقريب اڄ پريس ڪلب دوڙ ۾ شاندار نموني سان منعقد ٿي جنهن ۾ دوڙ پريس ڪلب جي سرپرست اعليٰ ۽ اليڪشن ڪميٽي جي چيئرمين حاجي فيروز علي ...

ٽنڊو غلام علي: صحافي مطالبن جي حوالي سان احتجاج ڪري رهيا آهن

مورو سانحي جي بيگناهه قيد ڪيل قيدين جي آزادي لاءِ 23 ڏينهن به وارثن جو احتجاج جاري

وارثن سياسي سماجي علمي ادبي تنظيمن جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن پريس ڪلب آڏو ڏينهن رات احتجاجي ڌرڻو هنيو

23 ڏينهن کان انصاف لاءِ احتجاج ڪندا اچون پيا پر مظلومن ماڻهن لاءِ انصاف جا دروازا بند ڪيا ويا آهن: مظاهرين

انٽر نيشنل انساني حقن جا ادارا، سپريم ڪورٽ ۽ سنڌ هاءِ ڪورٽ جا جسٽس نوٽيس وٺي مظلومن جا صدا ٻڌن

مورو (رپورٽ خدا بخش ميمڻ) مورو سانحي جي بيگناهه قيد ڪيل قيدين جي آزادي لاءِ 23 ڏينهن به قيدين جي وارثن نياڻين ٻارڙن پيرسن والدين پيڻين پاڻين ... اهڙين سياسي سماجي علمي ادبي تنظيمن
بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

مورو: گرفتار قيدين جي ٻارڙيون ۽ وارثن پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

ماٿلي پوليس پاران چوري وارداتن ۾ ملوث ٽن جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

ماٿلي (ن ع) ماٿلي پوليس مبينا طور تي چوري جي واردات ۾ ملوث ڪن جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي آهي

گڙهي ياسين واسين جو دڪان مان چوري جي واپسي لاءِ احتجاجي مظاهرو

مظاهرين عنايت الله ديناري، حبيب الله ديناري، پيرل ديناري ۽ ٻين احتجاج ڪيو

چوري کي 24 ڪلاڪ گذرڻ باوجود پوليس نه چور گرفتار ڪيا آهن نه ئي سامان واپس ڪرايو آهي

گڙهي ياسين (ن ع) گذريل رات ڊکڻ ناڪه تي عنايت الله ديناري جي دڪان مان چوري ٿيل رقم جي واپسي لاءِ ديناري برادري جو احتجاج گڙهي ياسين گذريل رات ڊکڻ ناڪه تان رات جي اونداهه ۾ عنايت الله ديناري جي دڪان مان چوري ٿيل ساڍا لک روڪ رقم ۽ ٻيو قيمتي سامان چوري ڪري ويا ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي عنايت الله ديناري، حبيب الله ديناري، پيرل ديناري ، غلام حيدر ديناري سميت 24 ڪلاڪ گذري ويا پر هن مهل تائين پوليس اسان جي چوري ٿيل روڪ رقم ۽ سامان واپس نه ڪرائي سگهي آهي

سڪرنڊ ۾ بدامني ۽ بنيادي مسئلن جي حل لاءِ احتجاجي مظاهرو

شهرين ايوب ڪوسو، فيض ڪيريو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

شهر ۾ بد امني ، صفائيءَ جي ناقص انتظام ، اسپتالن ۾ دوائن جي کوٽ ختم ڪئي وڃي

پنوعاقل لڳ ٻن موٽرسائيڪلن ۾ آمهون سامهون ٽڪر، هڪ ڄڻو فوت، 4 ڄڻا زخمي

گندرڪري ڦاٽڪ موڙ وٽ پيش آيل حادثي ۾ محمد شريف ولد فاضل انڍڙ ڏٽي ني فوت ٿي ويو

حادثي ۾ ڦوني جي پٽ وقاص، آڪاش، ڊاڪٽر قربان ٿهيم، عبداللطيف منگي ۽ لاش تعلقي اسپتال آندو ويو

پنوعاقل (ن ع) پنوعاقل گندرڪري ڦاٽڪ موڙ لڳ (سانگي چيڪ پوسٽ) وٽ ٻن موٽرسائيڪلن جو آمهون سامهون ٽڪر جي نتيجي ۾ محمد شريف ولد فاضل انڍڙ ڏٽي ني فوت، سندس پٽ وقاص ۽ آڪاش سخت زخمي جن کي تعلقي اسپتال نيو ويو پئي پاسي مهراڻ اسڪول وٽ به ٻن موٽرسائيڪل جو آمهون سامهون ٽڪر جي نتيجي ۾ ڊاڪٽر قربان ٿهيم ۽ عبداللطيف منگي سخت زخمي، جن کي تعلقي اسپتال طبي امداد لاءِ آندو ويو.

خيرپور ريجنل يونين آف جرنلسٽس جو اجلاس، عبدالمجيد پنهور ضلعي صدر مقرر

خيرپور (ڊ ر) ريجنل يونين آف جرنلسٽس رجسٽرڊ جو اهم اجلاس غلام عباس پنهور جي صدارت هيٺ ٿيو جنهن ۾ سرپرست اعليٰ ميان غلام حسين فاتح، نائب صدر پهريون محمد اشرف مغل، نائب صدر ٻيو صوفي اسحاق سومرو، جنرل سيڪريٽري سليم رضا شيخ، جوائنٽ سيڪريٽري عامر
بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

دوڙ: پريس ڪلب جا نوان عهديدار پنهنجي عهدي جو حلف کڻي رهيا آهن

مورو واسين جو دڪانن آڏو رڪشا اسٽينڊ ٺاهڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

درگاهه سخي ابراهيم شاهه واسين غلام شبير ميمڻ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

دڪانن آڏو غير قانوني جوڙيل رڪشا اسٽينڊ کي ختم ڪري انصاف ڪيو وڃي

مورو (ن ع) مورو شهر جي درگاهه سخي ابراهيم شاهه جي رهواسين غلام شبير ميمڻ سيد سجاد شاهه سراج ٻبلو ميمڻ گڏيل پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته اسان جي پراپرٽي هجڻ باوجود اسان غير محفوظ بڻيل آهيون ۽ اسان جي گهرن دڪانن آڏو غير قانوني رڪشا اسٽينڊ ڏاهي روزاني جي بنياد اسان کي پريشان ڪيو پيو وڃي ۽ منع ڪرڻ تي اسان سان بدڪلامي ۽ جهيڙو ڪيو ويندو آهي هنن الزام هڻندي ته غير قانوني ٺاهيل رڪشا اسٽينڊ وٽ رڪشا ڊرائيور ٻاهرين ماڻهن سان گڏجي اڪثر شام وقت شراب ۽ ٻئي
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

خيرپور ويجهو پيٽرول جي اگهن ۾ واڌ خلاف قومي شاهراهه تي ڌرڻو هنيو ويو

حيدرآباد ۾ اقليتي برادري پاران نياڻين جي اغوا ۽ ننڍي ڄمار ۾ جبري شادين خلاف احتجاج

اقليتي مسيحي برادري پاران پريس ڪلب ۾ سيمينار منعقد ڪري ڪلب آڏو احتجاج ڪيو ويو

ملڪ ۾ اقليتي برادري جي نياڻين جي جبري مذهب جي تبديلي ۽ زبردستي شادي جا واقعا وڌي ويا آهن: اڳواڻ

لاهور جي عدالت 13 ورهين ماريا جي شادي قانوني ڄاڻائي آهي فيصلي تي نظر ثاني جي ضرورت آهي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد ۾ اقليتي مسيحي برادري پاران نياڻين جي مبينا اغوا ۽ ننڍي ڄمار ۾ جبري شادين خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب ۾ سيمينار منعقد ڪري ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهري ۾ عورتن جي وڏي انگ به شرڪت ڪئي. ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته ملڪ ۾ اقليتي برادري جي
بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

پنوعاقل ۾ اي سي جا غيرقانوني ايل پي جي مافيا خلاف ڪارروايون، 7 دڪان سيل

اي سي عروة الوثقيٰ مختلف علائقن غيرقانوني ايل پي جي گدامن ۽ دڪانن تي ڇاپا هنيا

شهري آبادي ۾ گيس پرڻ انساني جانن لاءِ انتهائي نقصانڪار آهي: اي سي

حيدرآباد: مسيحي برادري پاران نياڻين جي مذهب تبديل ڪرائڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

سنڌ سرڪار سيسمسدي جي ناليءَ تي رڳو برانمو ڪيو آهي: وسند ٿري

هر مصيبت کي حڪمرانن پنهنجي ڪمائي جو ذريعو بڻايو آهي

نوري آباد (ن ع) عوامي تحريڪ جي مرڪزي صدر ايڊووڪيٽ وسند ٿري ۽ مرڪزي اڳواڻ عبدالقادر رانٽو سري ڳوٺ ۾ سنڌ جي ڏاهي لطيف جي پارکو ۽ محقق ڊر محمد پالاري جي پٽ مسيح الزمان جي فوتگي تي ڏاڏا ڪلو خان پالاري ۽ جهميير ۾ استاد ابوبڪر پالاري سان سندس سڳوٺ جي وفات تي تعزيت ڪئي ان موقعي تي مختلف هنڌن تي صحافين سان ڳالهائيندي عوامي تحريڪ جي مرڪزي صدر ايڊووڪيٽ وسند ٿري چيو ته سنڌ جي وڏي وزير مراد علي شاهه طرفان اعلان ڪيل موٽر سائيڪل مالڪن کي به
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

جامشورو ۾ نوجوان گرفتار، وارثن جو احتجاج

اڪرم بي گناهه آهي (وارث) سندس نالو منشيات فروشن جي لسٽ ۾ آهي: پوليس

جامشورو (ڊ ر) شهر جي سينڊوز روڊ واري علائقي جي ملاح پاڙي ۾ پوليس اهلڪارن جي ڪارروائي ڪندي ملاح برادري جو نوجوان اڪرم ملاح گرفتار پوليس گرفتار ڪري ورتي جڏهن ته پوليس جي اهڙي ڪارروائي خلاف ملاح برادري ۽ وارثن جو گرفتار ٿيل جي ... انڊس هاءِوي تي ڌرڻو ملاح برادري جون عورتون ٻارڙا احتجاج ۾ شامل اڪرم ملاح بيگناهه آهي ان کي آزاد ڪيو وڃي پوليس اسان جو بلاجواز گهيرو تنگ ڪري ڪوڙا ڪيس هڻي ڊوڪڙ ڦر ڪري رهي آهي وارث رابطو ڪرڻ تي ڊي ايس پي
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

دوڙ ۾ پيٽروليم شين جي وڌندڙ اگهن خلاف رهواسين جو احتجاجي مظاهرو

نوجوانن جي ماسات اتحاد پاران ياسين سومرو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو

جيڪڏهن پيٽروليم شين جي اگهن ۾ گهٽتائي نه ڪئي وئي ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

دوڙ (ن ع) دوڙ ۾ نوجوانن جي ماسات اتحاد طرفان ملڪ ۾ پيٽروليم شين جي وڌندڙ اگهن خلاف سوڙڪي اسٽاپ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي ياسين سومرو مهراڻ گل چوهاڻ سمير سومرو غلام قاضي ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته پيٽروليم شين جي مسلسل واڌ سبب عام ماڻهو خاص ڪري مزدور ۽ پورهيت طبقو سخت متاثر ٿي رهيو آهي هنن چيو ته مهانگائي جو طوفان عوام جي برداشت کان ٻاهر ٿي چڪو آهي ۽ حڪومت فوري طور تي قيمتن ۾ گهٽتائي ڪري عوام کي رليف فراهم ڪري، هنن
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: گورنر نهال هاشمي سان ملندڙ وفد ڪيس گلدستو پيش ڪري رهيو آهي

عالمي جنگ واري صورتحال سبب ملڪ ۾ مهانگائي وڌي آهي: جام اڪرام الله ڌاريجو

پ پ جي حڪومت تيل متاثرين جي وس آهر رليف جون ڪوششون ڪري پئي

پنوعاقل (ن ع) پنوعاقل ۾ صوبائي وزير انڊسٽريز جام اڪرام الله خان ڌاريجو چيو آهي ته عالمي جنگ واري صورتحال سبب ملڪ ۾ مهانگائي وڌي آهي، پيپلزپارٽي جي حڪومت تيل قيمتن ۾ واڌ سبب متاثر ٿيندڙ غريب طبقي کي وس آهر رليف ڏيڻ جون ڪوششون ڪري پئي، مخالفن کي شڪست ملندي، اهڙن خيالن جو اظهار هن پنوعاقل لڳ ملاعلي ۾ عوامي جلسي کي خطاب ڪندي ڪيو ان موقعي تي ميزبان رياض مهيسر صوبائي وزير جام اڪرام الله خان ڌاريجو ۽ سندس پياءُ نوجوان پ پ اڳواڻ جام غلام قادر خان ڌاريجو کي سونو
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

فيصل آباد: هڪ لوڊر رڪشي تي منهن کي چاڙهيو پيو وڃي

ڪوٽڙي ٽي بي اسپتال مڪمل طور تي زبون حالي ۽ تباهي جي ور چڙهيل

اسپتال جون عمارتون پيچ ڊاهه جو شڪار وارڊ کنڊر بڻيل، گندي پاڻي جا ڍير ۽ بدبوءِ مريض زمين تي ويهي علاج ڪرائڻ تي مجبور

ٽي بي جهڙي خطرناڪ بيماري لاءِ قائم هن اداري ۾ نه مناسب ڊاڪٽر موجود آهن نه دوائون ۽ نه ئي بنيادي سهولتون

ڪيترن ئي وارڊن جا پنکا ۽ بجلي جو نظام بند پيل بسترا ٽٽل ۽ استعمال لائق نه رهيا، ليبارٽري ۽ ٽيسٽ جون سهولتون غيرفعال

ڪوٽڙي (ن ع) ڪوٽڙي ۾ قائم انسٽيٽيوٽ آف چيسٽ ڊزيز (ٽي بي اسپتال) ... سنڌ جي وڏي علاج گاهه جو درجو حاصل هو اڄ مڪمل طور تي زبون حالي ۽ تباهي جي ور چڙهيل نظر اچي رهي
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو آدم: مقامي اسڪول جي پوزيشن هولڊر ٻارن ۾ انعام ورهائڻ جي تقريب

دوڙ: شهرين پاران پيٽرول جي قيمتن ۾ واڌ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

هم اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز سان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد سان ڇپرائي جاري ڪئي.